
سنڌباد جو سفر
علي بابا

# سنڌباد جو سفر

(ٻارن لاءِ ناول)

## علي بابا

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
1993ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2018ع
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# ارپنا

## سائين جي ايم سيد جي نالي

**علي بابا –**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌباد جو سفر“** اوهان اڳيان پيش آهي. ٻارن لاءِ لکيل هن ناول جو ليکڪ **علي بابا** آهي. هو لکي ٿو:

مون هي ٻالڪ ناول ”سنڌ باد جو سفر“ نومبر 1992ع کان لکڻ شروع ڪيو. سچ ته انهيءَ ناول مون کي ڇنيءَ جي ٿڃ ياد ڏياري ڇڏي. پوءِ به مان محسوس ڪريان پيو ته مان ان ناول سان بلڪل نيائي نه سگهيو آهيان. ڪٿي ته برابر مون انهيءَ ناول کي هڪ ننڍڙي ٻار جيان لکيو آهي ته ڪٿي وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان. ڪٿي ٻولي ٻاراڻي آهي ته ڪٿي علي بابا جو قلم هلي ويو آهي. سڄي ناول ۾ مون پاڻ کي وچ ۾ لڙڪندو محسوس ڪيو آهي. ان ڪري اها ڳالهه ٻارڙن تي ٿو ڇڏيان ته هو انهيءَ ڳالهه کي ڪيئن ٿا محسوس ڪن؟ ناول ۾ مون سنڌ باد سيلانيءَ کي سنڌي ڏيکاريو آهي ۽ ڪوشش ڪئي اٿم ته باقي سڀ ڪردار به سنڌ سان تعلق رکندڙ هجن!

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو** پاران 1993ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون محمد قاسم سومري جا جنهن سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪتاب کي سهيڙي فيسبوڪ گروپ آنلائين ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪيو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| موضوع | صفحو نمبر |
|---|---|
| مهاڳ | 6 |
| سنڌ جو راجا ۽ سنڌ باد سيلاني | 8 |
| سنڌ جي راجا جو شرط | 13 |
| گرات منڙي ۽ ڪارو مور | 16 |
| سنڌباد جو وچن | 20 |
| ڪارونجهر جبل جو ڏهڪاءُ | 22 |
| هوتل پري ۽ گوڪان ڏائڻ | 26 |
| گوڪل ديو ۽ سنڌباد سيلاني | 31 |
| گوڪان ڏائڻ ۽ پيئڻ بلا | 35 |
| مهمان ۽ ڪٺ پتلين جو ناچ | 37 |
| هوتل پريءَ جي ڪچهري | 41 |
| گوڪان ڏائڻ جو جادو | 43 |
| خوفناڪ پيئڻ بلا ۽ باز | 47 |
| هوتل پريءَ ڪان موڪلاڻي | 51 |
| پاراشر رشي ۽ سنڌباد | 53 |
| پونءِ ترو ڪنڊ جو سفر | 58 |

# مهاڳ

مون تمام ننڍڙي وهيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ۾. ان وهيءَ ۾ اديب بڻجڻ جو مون وٽ چٽو، پختو ۽ واضح خيال هو. مون وٽ ڪڏهن به وڏو آفيسر، انجنيئر يا ڊاڪٽر ٿيڻ جو تصور ئي نه هو. اديب ٿيڻ جي شونق ۾ آئون پيو ڪاڳر ڪارا ڪندو هئس. ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي ته پنا ڦاڙي وري نئين سر لکڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. منهنجو اهو سلسلو سالن جا سال هليو. چاچو پيتو خان سنڌي ۽ گورمکي لکي پڙهي سگهندو هو. سندس ٻئي چنگهون گوڏن کان مٿي وڍيل هيون. ٺيڪيداري ڪندو هو. سڄو حساب ڪتاب گورمکي ٻوليءَ ۾ هو. مون سان ڏاڍي دل هيس. پٽ ڪونه هئس، ان ڪري مان سندس حوالي هئس. مون اکيون ئي سندس ڪڇ ۾ پٽيون هيون. مان سمهندو ئي ساڻس گڏ هئس. روب تاب وارو ماڻهو هو. اخبارون ۽ ناول وڏي شونق سان پڙهندو هو ۽ فلمون به گهٽيون ڏسندو هو. وڏي حيرت انگيز شخصيت جو مالڪ هو. ايڏو ارڏو خوددار ماڻهو اڄ تائين منهنجي نظر مان نه گذريو آهي. منهنجا لکيل ڪاڳر وڏي دلچسپيءَ سان پڙهندو هو. منهنجي ماءُ ڪي چوندو هو ته علي محمد هڪ ڏينهن تمام وڏو ماڻهو ٿي ويندو. شاهه لطيف وارا ڪم اٿس. الله خير ڪندو ۽ سدائين منهنجي همٿ افزائي ڪندو هو.

مان وڏو ماڻهو ٿيس يا نه؟ پر اڄ مان اديب آهيان ۽ گذريل چاليهن ٻائيتاليهن سالن کان لڳاتار لکي رهيو آهيان ۽ وڏن لاءِ لکي رهيو آهيان. ان سڄي عرصي ۾ مون وٽ ننڍڙن ٻارڙن لاءِ لکڻ جو تصور ئي نه آيو! مون ڪڏهن به ٻارڙن جو ادب نه لکيو. بلڪ سوچيو ئي نه. انهيءَ جو نفسياتي سبب ڇا ٿي سگهيو ٿي؟ ڇا ٻارڙن لاءِ هر ڪوئي لکي سگهي ٿو؟ مان سمجهان ٿو ته اِها ڳالهه مون سان لاڳو نه هئي.

چاچي ۽ امان مون کي الاهين ڪهاڻيون پڙهي ٻڌايون هيون، جي آئون وڏي شونق سان ٻڌندو هئس ۽ پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، جهڙوڪ: حاتم طائي، قصو چئن درويشن جو، يوسف زليخا، سيف الملوڪ، عمر عيار، امير حمزو، سڌاتوري ڪڌاتوري جي ڳالهه، ممتاز دمساز ۽ ٻيون جنن پرين جون ڪيتريون ئي آکاڻيون. ان کان سواءِ مون ٻارڙن جون ڪيتريون ئي فلمون ڏٺيون هيون، جهڙوڪ: صابوءَ واري بغداد جو چور، گليور جو سفر، علي بابا ۽ چاليهه چور، چور شهزادو، اونداهو آفريڪا، يوليسيس، ٽارزن، ڪيپٽن مارول، سپرمين، شهزادو جيسين ۽ سندباد سيلاني ۽ ٻيون اهڙيون ڪيتريون ئي فلمون. اهي فلمون، ناول ۽ ڪهاڻيون اڄ به مون کي ايترو ئي وڻندا آهن، جيترو وڏن جو ادب. اڄ تائين مون کي ٻارڙن لاءِ فلمايل ڪلاسڪ، ڪامڪز ۽ جادوئي ڪهاڻيون وڏيڪ وڻنديون آهن. اهي ڪهاڻيون ڪيڏي محنت ۽ خرچ سان فلمايون وينديون آهن، انهيءَ جو اسين تصور به نٿا

ڪري سگهون. اهي ذهن تي ڇانئجي ويندڙ فئنٽاسيز آهن. جيڪي فقط سڄاڳ ۽ آزاد قومن جي ٻارڙن جو ورثو ئي ٿي سگهن ٿيون. مون کي عجب لڳندو آهي ته ايڏي پسنديدگيءَ جي باوجود به مون ٻارڙن لاءِ ڇو نه لکيو؟ اڄ جڏهن سوچيان ٿو ته اها ڳالهه اڄ مون کي عجب جهڙي پئي لڳي.

گذريل سال اڪبر جسڪاڻي جي زور ڀرڻ تي مون "گل ڦل" رسالي لاءِ هڪ ڪهاڻي لکي، پر مون جلد محسوس ڪيو ته اها ڪهاڻي ٻارڙن جي نه آهي. مون موهن ڪلپنا جو ٻالڪ – ناول "سرڳ جي ڳولا" به پڙهيو. موهن ڪلپنا جي انهيءَ ناول کي اسين سنڌي ٻوليءَ جو شاهڪار ناول ته چئي سگهون ٿا، پر ٻالڪ – ناول نٿا چئي سگهون. اهو ناول مون کي ٻارڙن بدران وڏن جو ناول لڳو ۽ مون شدت سان محسوس ڪيو ته ٻارڙن لاءِ لکڻ بلڪل هڪ جدا فن آهي. ليڪڪ پلي ڪيڏو به وڏو ڇو نه هجي، ضروري نه آهي ته اهو ٻارڙن جو ادب به اوڏو ئي ڀرپور انداز سان لکي سگهي. شايد شروع کان وٺي شعوري طور مون کي ان ڳالهه جو اندازو هو ته ٻارڙن لاءِ لکڻ تمام ڏکيو ۽ رت ولوڙيندڙ ڪم آهي. ٻارڙن جو ادب لکڻ لاءِ ٻار تي وڃڻ اولين شرط هوندو آهي.

مون هي ٻالڪ ناول "سنڌ باد جو سفر" نومبر 1992ع کان لکڻ شروع ڪيو. سچ ته انهيءَ ناول مون کي ڇتيءَ جي ٿڃ ياد ڏياري ڇڏي. پوءِ به مان محسوس ڪريان پيو ته مان ان ناول سان بلڪل نيائي نه سگهيو آهيان. ڪٿي ته برابر مون انهيءَ ناول کي هڪ ننڍڙي ٻار جيان لکيو آهي ته ڪٿي وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان. ڪٿي ٻولي ٻاراڻي آهي ته ڪٿي علي بابا جو قلم هلي ويو آهي. سڄي ناول ۾ مون پاڻ کي وچ ۾ لڙڪندو محسوس ڪيو آهي. ان ڪري اها ڳالهه ٻارڙن تي ڇڏيان ته هو انهيءَ ڳالهه کي ڪيئن ٿا محسوس ڪن؟ ناول ۾ مون سنڌ باد سيلانيءَ کي سنڌي ڏيکاريو آهي ۽ ڪوشش ڪئي اٿم ته باقي سڀ ڪردار به سنڌ سان تعلق رکندڙ هجن! جيئن هوٿل پري، گوڪل ديو، پاراشر رشي ته جيئن ناول اصلوڪو ۽ سنڌي لڳي. سڄي ناول ۾، مون ڪٿي به ڪردارن هٿان رت وهائڻ جي ڪوشس نه ڪئي آهي. حقيقي زندگيءَ ۾ سنڌ ۾ ايترو ته رت وهايو ويو آهي، جو ان جي گنجائش ئي نه رهي آهي. اسان پنهنجن ٻارڙن کي ڪتابن ۾ به رتو ڇاڻ ڏيکاريون ته سنڌ باد جي تلوار جي هڪ ڌڪ سان ٻن سرين واري راڪاس جون ٻئي سسيون پري وڃي ڪريون.

هن سڄي ناول ۾ مون رڳو پيئڻ بلا کي باز هٿان مارايو آهي. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته ان کي بچايان، پر پيئڻ بلا کي ڪو عزرائيل ڪنيو بيٺو هو ۽ مان ڪيس بچائڻ ۾ ناڪام رهيس. سچ، ان ڳالهه جو مون کي افسوس آهي. مان ٻئي پارٽ ۾ ڪوشش ڪندس ته ائين نه ٿئي.

مون کي يقين آهي ته هي ناول الاهين ڪچاين جي باوجود به سنڌ جي ٻارڙن توڙي پوڙهن کي گهڻو پسند ايندو. جيتوڻيڪ هي ناول سنڌباد سيلاني جو پهريون ڀاڱو (Part One) آهي، پر پنهنجي جڳهه تي مڪمل آهي. جي ٻارڙن کي منهنجي اها ڪوشش وڻي ته مان انهيءَ جو ٻيو حصو جلد پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

سنڌي ٻارڙن جي ادب لاءِ منهنجي اها پهرين ڪوشش آهي. مون انهيءَ ڪم کي چئلينج طور قبول ڪيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ”گل ڦل“ ۾ انهيءَ جا ٽي باب هلي چڪا آهن. ڪاش اسان وٽ ايترا پئسا هجن ها ته آئون ان تي آزاد ٿي لکان ها ۽ آرٽسٽ کان پنهنجي مرضيءَ جون تصويرون ٺهرائي ناول ۾ سهڻي نموني ڏيان ها ته ناول وڌيڪ اثرائتو ٿي پوي ها.

ڇپائيءَ وٽ تصويرن جو مسئلو پيدا ٿي ويو. پراڻن رسالن مان جيڪي تصويرون ٽڪر ٽڪر ۾ ملي سگهيون، اهي ڏنيون اٿئون. ايترا پئسا اسان وٽ نه هئا جو پنهنجي مرضيءَ جون تصويرون ٺهرايون.

هي ڪتاب ڇپائڻ ويل ڪمپيوٽر آپريٽر راڻو ميگهواڙ جو آئون نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن مون سان ڇپائي ويل ڏاڍو تعاون ڪيو ۽ سجي ڪمپوز ٿيل ڪتاب ۾ نئين سر تصويرن لاءِ جڳهه ڇڏيائين. اهو وڏي محنت جو ڪم هو. سچ، راڻو ميگهواڙ جو مان انتهائي شڪر گذار آهيان. چوندا آهن ته جڙي کي جس آهي. جو ڪجهه به آهي، ڪتاب اوهان آڏو حاضر آهي. منهنجي هيءَ محنت ٻارڙن کي وڻي ته آئون انهيءَ کي قدرت پاران وڏو انعام سمجهندس.

**علي بابا**

# سنڌ جو راجا ۽ سنڌباد سيلاني

هڪڙو هوندو هو مهاراجا، سو به سنڌ ملڪ جو مهاراجا. ڏاهن ۾ ڏاهو، وڏو وير، ڳالهين جو ڪويسر ۽ وڏو طاقتور راجا. اهڙو جو ڪنهن پرپاسي واري راجا کي زور وٺڻ ئي ڪين ڏيندو هو. پري پري ولاتن ۾ سنڌ جو جهڙو ڪر ڏونڪو پيو وڄندو هو. پلا سنڌ هڪ سڪارو ملڪ، پوري وچ مان سون تي سهاڳي جيان سنڌو درياهه پيو وهيس. پهاڙن تان جتان نهار، ماٿريون ئي ماٿريون. سنڌ سڳوريءَ جا ماڻهو به وڏا محنتي، زالين مڙسين سهڻا، پڙهيا ڳڙهيا، ناد، نگد ۽ ٻيا ويد پراڻ ۽ منتر ورايو ورايو پيا پڙهن. پوکون پيا پوکين، سرون پيا ڪاهين، نار پيا هلائين، ڏڳي ڳاڏين جا رينگٽ، گهر گهر ڏس ته چرخو پيو هلي. چربو به ڏسي ته ڪانياٽي ڪنيو جهار پيو ڪلي. وهيو وهيو پيو ڪري. جي جنگ ڪن ته به دشمن جي لشڪر متان ڪانياٽين ۾ شيهي جا گولا پريو پيا سٽڪا ڪرائين. امن توڙي جنگ ۾ سنڌ ڏس ته نغارن سان پئي گڙي.

مهاراجا جو وڏي ۾ وڏو شونق ڏس ته ٻيڙا پيو نهرائي. منتري چونس: ”سائين ڇا ٿا ڪريو؟ ائين ته خزانو ڪٽي ويندو!“ راجا ڪنڌ کي ڌوڻا ڏيو چي: ”خزانو ڪٽي ويندو ته پورت ڪري ويندا سين. ٻيڙن ڪان سواءِ ڪم ڪين هلندو. ڪيئن سنڀالي سگهنداسون هيڏي وڏي ملڪ جون سرحدون؟ سنڌ جو وڏو حصو آهي ئي سمونڊ. ان تان هٿ ڪيئن ڪڍبو؟ اڙي منتري ڇا تون، ڇا تنهنجا منتر. توکي ملڪ جي سرحدن جي ڪيهي خبر؟ ويچارا ماڻهو ڇا ڪائي ڇا ڪائيندا؟ ٻيڙا هوندا ته مڇي به جهجهي جهيندا سون. عوام جيڪو ڪاڏو ڪائيندو، سو ته هر حال ۾ حاضر ڪري ڏبو.“ اهو هوندو هو، راجا جو جواب. ڪڏهن ڪڏهن راجا ڪاوڙجي ڪاوڙجي دهل تي پوندو هو ۽ چوندو هو ته ڪيس اونڌيون متيون ڏيڻ بند ڪيون وڃن.

سنڌ جي ان راجا جو پيءُ سؤ سالن ڪان به وڏو تي، گذريل سال چالاٽو ڪري ويو هو. سنڌ جا ماڻهو ڏڪون پري رنا هئا.

عام ماڻهو پنهنجي ان پوڙهي راجا سان ڏاڍو پيار ڪندا هئا. ڇا ته راجا جا شونق هئا! ان جهوني راجا جو وڏي ۾ وڏو شونق باز ۽ چيتا پالڻ هو. جڏهن ڏس ته باز سندس تخت جي سوني پاڳي تي سينو ڪڍيو ويٺو آهي ۽ محل ۾ چيتن جي جوڙي ٻلين وانگي پئي هلي. بادشاهه انهن کي ڏسيو خوش پيو ٿيندو هو. چي: ”باز ته ننگر نتي جا. چيتا ته ڪير ترجبل جا.“ ڪڏهن وري ڏس ته آڪاڙي ۾ چيتا ۽ گينڊا پيو ويڙهائي.

پر چوندا آهن ته انبن جون سڪون ڪي انبڙيون لاهينديون ڇا! هن راجا ۾ پيءُ واري ڳالهه ڪٽي، هن راجا جا وري شونق ئي پنهنجا. ٻيڙا پيو نهرائي. هڪ هڪ ٻيڙي کي ست ست سڙها! ڪڏهن ڏس ته راجا لوهرن سان ڪچهريون پيو ڪري ۽ متر کي سان سانڌاڻ تي ڏڪ پيو هڻي. هڪڙو شونق راجا جو اهڙو جو ڪنهن کي ٻڌائي نه سگهجي.

اهو هو ڄامڙا پالڻ. ڪو واپاري آيو، ڪي وڻجارو، ڪي ڇا. هن راجا کي سوڪڙيءَ طور هڪ گراٽ منڙي ڏني، تئي جي تري جهڙي ڪاري، گهنڊيدار وارن واري ڄامڙي. جيڪا اڄا ننڍي ٻار هئي. راجا ٻه ڪٽي ڪچ تي ڪنيس. اهڙي وڏيس جوان ڪان سواءِ رات جو راجا کي ننڊ ئي نه اچي. ڏينهن پنيان ڏينهن گذرندا ويا. جيئن جيئن ڄامڙي ارهه ڪديا ۽ اچي سامائي ته راجا کي اچي ڄامڙيءَ جي شاديءَ جي ڳڻتي لڳي. هاڻ راجا اهڙو گراٽ منڙيو، گهونڊيدار وارن وارو ڪٽ ڪارو گهوٽ ڪٿان آڻي! سو ڪٽي ملڪ ۾ پڙهو گهمارايائين ته: ”هن ڄامڙيءَ جو گهوٽ جيڪو مون کي آڻي ڏيندو، ان کي تاله تڪا ڏيندس. مالا مال ڪري ڇڏيندس ان ماڻهوءَ کي.“

راجا کي انصاف جي ڪرسيءَ ڪان سواءِ ملڪ جو ٻيو ڪوبه اونو ڪونه هو. پوءِ ته بس راجا جو سڄو راڄ پاڳ ان ڄامڙيءَ مان اچي ڦاٿو. سو راجا جي سڄي ملڪ جو سرشتو ئي ڇڻ ڏانواڏول ٿي ويو. ماڻهن کي اچي ٽڪن جي لالچ ڪنيو، سو جيڪو لئيءَ مان لٿ پڇي، ان کي ڏس ته ڄامڙيءِ لاءِ گهوٽ ڳولڻ پيو وڃي، ڌهري دان جي لالچ ۾ ماڻهن پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي ڏنا.

راجا جي وڏي منتريءَ جڏهن ڏٺو ته ملڪ تو ڦٽي، سو چار چگا ۽ ديوان داڙا وٺي، راجا کي سمجهائڻ لاءِ محل ۾ گهڙي آيو. ساڻس گڏ سنڌباد نالي هڪ مالهي ٿان (ملتان) شهر جو هڪ نوجوان هو، جنهن کي راجا سان ملڻ جي ڏاڍي اڪير هئي.

ان ويل راجا محل جي هڪ وڏي ڪمري ۾ ويٺي پاليل ڄاهن کي ڪٽڪ جي ڪتي ڪارائي. فرصت جي وقت ۾ راجا وري اهڙا ڪم ڪندو هو. منتري نه سر جو سانگو ڪيو نه ڇا. اچي راجا جي متان بيٺو.

”منتري، خير ته آهي؟“ راجا مڙسن جو ڏنب ڏسي ڪيس پليڪار ڏني.

”وڏا پال اوهان جا. اسان تي شال سدائين راجا جي مهر هجي. آئون اوهان کي ڪي چيتارڻ آيو آهيان. جيئندان ملي ته ڳالهه ڪريان.“

”ڪهڙي ڳالهه چيتارڻ آيو آهين؟“

”راڄاڻ، اوهان پڙهو گهمائي غضب ڪيو آهي.“

راجا چيس: ”منتري، ڳجهارتون نه ٻڌاءِ. ڪهڙو غضب ڪيو اٿم.....؟“ منتريءَ جي ڳالهه تي ويچارو راجا ڪجهه وائڙو ٿي ويو هو ته منتري چوي ڇا پيو!

”راڄاڻ! اوهان ڪان پل تي وٺي آهي. اوهان پنهنجي رعيت کي وڏن ٽڪن جي لالچ ڏئي پل ڪئي آهي. مهرباني ڪري پنهنجو اهو اعلان موٽائي وٺو.“

منتريءَ جي ڳالهه تي راجا ڏمرجي پيو. اکيون ڪٽي ڪرڙيون ڪيائين. ڪڙڪ تي چيائين:

”اڙي منتري، چريو ته ڪين ٿيو آهين! ڪي نشو سوايو ڪيو اٿئي. هڪ راجا جو اعلان قدرت جي قانون جيان هوندو آهي. جيڪو چيو، سو ٿيو، ختم...... سر جو خير گهر منتري. اٿئي ڪو عقل؟“

”جيئندا قبلا، گهرجي به خير.“ منتري اصل مڙيوئي ڪونه. سر جو سانگوئي نه ڪيائين. ڊنوئي ڪين، حجت ڪندي راجا کي چيائين:

”منتري راجائن جا ساٿاري ۽ يار هوندا آهن. ٻاڏائيندڙ ٻانها، جيئن خدا جا پرهيزگار ٻانها پنهنجي خدا کي راضي ڪري ڇڏيندا آهن، تيئن پنهنجي راجا کي هميشه حق چوڻ اسان جو فرض آهي ۽ جيسين حيات هونداسين، حق سچ چوندا رهنداسين.“

منتريءَ جي اها ڳالهه ٻڌي راجا جا ٽپ ئي ٽري ويا. پوءِ به ڏک ڪندي چيائين:

”منتري، ڪا عقل جي ڳالهه ڪر. ڀلا اسين پنهنجي اعلان تان ڪيئن ڦرنداسين؟ خلق ڪلاٽي آهي ڇا؟ ڀل قيام اچي وڃي، انهيءَ اعلان تان نه ڦربو.“

راجا جو ضد ڏسي منتريءَ کي عقل کان ڪم وٺڻو پيو، سو چيائين:

”منهنجا حاڪم! اوهان کي ڍنڍورو ڦيرائڻ سان مطلب آهي يا ڄامڙيءَ لاءِ گهوٽ ڳولڻ سان مطلب؟“

”ظاهر آهي، اسان کي ڄامڙيءَ سان گهوٽ ڳولڻ سان مطلب آهي.“

”ته پوءِ ڍنڍورو ڏيڻ بند ڪرايو. هي نوجوان پاڻهي ڄامڙيءَ لاءِ گهوٽ ڳولي ايندو.“

تڏهن راجا غور سان منتريءَ جي پر ۾ بيٺل نوجوان ۾ نهاريو. راجا لاءِ اهو نوجوان نول ماڻهو هو. راجا ڪيس اڳي ڪڏهن ڪين ڏٺو هو.

”ڪير آهي هي؟ ڪنهن جو پٽ آهي؟ ڇا ڪندو آهي هي؟......“ سدا سهٽي نوجوان ۾ نهاريندي راجا هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڪئين سوال ڪري ويو.

”جيئندا قبلا! جيئندان ملي. هي نوجوان اوهان جي رعيت مان آهي. ايڏڙي ننڍڙي وهيءَ ۾ ناد ۽ نگد پڙهيا اٿائين. ويهارو ڪن ملڪن جون ٻوليون تو سٺي ۽ سمجهي، واڌو ڪم مالهي تان ۾ پنهنجي پيءُ کان سکيو آهي. درياهي ٻيڙين جي ڪم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هاڻ پاتال بندر ۾ آيو آهي ۽ چوي ٿو ته وڏا سامونڊي ٻيڙا ٺاهيان ۽ نوان نوان ملڪ وڃي پسان. نيت جو به سونو ماڻهو آهي.“

”جيءَ آيو، ڀلي ڪري آيو، اسان جون اکيون ٺڏيون.“ راجا ڏاڍو سرهو ٿي ڪيس ٻيهر ڀليڪار ڏني ۽ پڇيائين:

”اڳ ڪهڙا ڪهڙا ملڪ ڏٺا اٿئي؟ ڪهڙا سمونڊ، اپ – سمونڊ؟ ڪهڙيون ڍنڍون، ڪهڙا بندر بازارون پيتيا اٿئي؟“

”مهاراجا جا لک لائق، منهنجو نالو سنڌباد آهي.“

[۽ سنڌ بار راجا کي وڏا ڪورنش ڪري ٿو.]

”هن ڪان اڳي ڪنهن بہ ملڪ جو سير نہ ڪيو اٿم، ڇو تہ اڃا رڳو پئي ويدن جو اڀياس حاصل ڪيم. جتان اها خبر پيم تہ هيءَ پرٿوي وڏن وڏن ڪنڌن ۾ ورهايل آهي، جنهن جي وچ ۾ سمونڊ پيا ٺا ڇلن. وري هڪ هڪ ڪنڌ ۾ الائي ڪيترا ملڪ آهن. هاڻ دل جو ڪاڏو ڇوي تہ بس اهي ملڪ وڃي ڏسان.“

”ان مان فائدو؟...... “ راجا نوجوان جون ڳالهيون ٻڌي منجهس دلچسپي وٺڻ لڳو.

”فائدو ئي فائدو آهي راجاڻ! دنيا جا شيل ڪندي ئي خبر پوندي آهي تہ دنيا ڪيڏي وڏي آهي؟ دنيا ۾ گهڻا ملڪ آهن؟ ڪهڙا ملڪ آسودا ۽ ڪهڙا ڏکاريا؟ ڪهڙي ملڪ جو راجا عادل آهي ۽ ڪهڙي جو ظالم؟ انهيءَ شيل ڪرڻ سان ملڪن جي تواريخ ۽ جاگرافي ۽ جنگي مهارت جي خبر پوندي ۽ اها بہ خبر پوندي تہ ڪهڙي ملڪ ۾ ڪهڙا اناج ۽ ڪهڙا ميوا اپڙن ٿا؟ انهن ملڪن جا مذهب ۽ ريتون رسمون ڪهڙيون آهن؟ ڌرتيءَ جي ڪهڙن ملڪن سان ڪيئن ۽ ڪهڙو واپار ڪجي؟ ڪهڙن ملڪن کي ڇا ڏجي ۽ ڇا وٺجي؟ اهو سمورو عقل ۽ علم شيل ڪرڻ سان ٿو ملي.“ نوجوان سنڌباد جون اهي ڳالهيون ٻڌي راجا ريجهي پيو. خوشيءَ کان مک ئي ٻهڪي ويس. وڏي سوچ ويچار کان پوءِ چيائين:

”تنهنجي ڳالهين اسان کي موهي وڌو آهي. اسان کي تو جهڙي ڏاهي نوجوان جي ضرورت هئي. هيئن ڪر، سياٽي مانجهاندو اسان سان گڏ ڪر. ڪچهري بہ ڪنداسين. تون وڏو ڪارائتو نوجوان آهين. بس ائين سمجهہ تہ هاڻ تون شاهي مهمان آهين. جيئن تون چوندين، تيئن ٿيندو.“

راجا ۽ سنڌ بار جي وچ ۾ اهي ڳالهيون ٿيون. منتري ۽ ٻيا ديوان داڙا سنڌ باد جون اهي ڳالهيون ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويا هئا. پوءِ راجا ڪيس پنهنجي محل جي دروازي تائين ڇڏڻ آيو.

اهڙي ريت نوجوان سنڌ باد پنهنجي ڄاڻ ۽ ڏاهپ سان راجا جي دل جيتي چڪو هو.

# سنڌ جي راجا جو شرط

ٻئي ڏهاڙي سنڌ جي راجا وڏي ڌام ڌوم سان سنڌباد جي دعوت جهلي. سڀ راڻيون، وڏا منتري، ويد، ديوان، ڪوي محل ۾ اچي گڏ ٿيا. وڏا وڏا ناڪئا ۽ سامونڊي ودوان گهرايا ويا. جڏهن سنڌباد راجا جي محل ۾ پيهي آيو ته سنڌباد جي سونهن ڏسي ديوان ۽ ٻايون حيرت ۾ پئجي ويون. ڏندين آگريون اچي وين، ڄڻ ته ڪو پريزاد اچي ويو هو. سنڌ باد راجا آڏو ترار اونڌي ڪوڙي، گوڏو ڀڃي، سيس نوائي ڪورنش ڪندي چيو:

”شال سنڌ جي راجا جو سخت سينيهان اونچون ۽ مان متانهون هجي، شال پرجا متان سدائين اوهان جو مهر پريو هٿ سوايو هجي، آئون سنڌباد پنهنجي راجا مهيرامڻ آڏو ڪورنش ڪريان ٿو.“

”ڀلي آئين، جيءَ آئين. تنهنجي ڏاهپ جي ڳالهين ۽ دانائيءَ اسان جو من موهي وڌو آهي، پر اجا ڦندو هنئين، تو ڳلن مان رت نڪري. ڪا ڄاڻ اٿئي ته ڪارو ڪيڙڻ[1] ڪيڏي جان جوکم جو ڪم آهي. نيڊوءَ ۾ سدائين نانهن لڳي پئي آهي، جت لهرن جي لپاٽ سين ٻيڙا ٻه اڌ ٿيو پون. وڏا وڏا ڊينگ ڊريو پون. ڪيهي خبر ته انهيءَ سمونڊ ۾ ڪيها ڪيها مڇ تا پڇ هڻن. ڪهڙا مانگر تا ٻيڙا اٿلين ۽ شارڪ شوڪٽ ڪن. ويل مڇي سمونڊ ۾ ڪهڙا ويل ڪندي آهي. سسي ڳاڙهي سمونڊ ۾ هوندي اٿس ته پڇڙي پونچ سمونڊ ۾. سو سنڌباد، ساهه پيارو اٿئي ته انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ، باقي راڄ ڀاڳ ۾ جيڪي عهدا گهرين، سي ڏيانءِ.“

راجا جي اها ڳالهه ٻڌي ويچاري سنڌباد جي منهن جو پنوئي لهي ويو، سو کم ڪائيندي چيائين:

”راجا...... شونق جو ڪو ملهه ئي ڪينهي. جڏهن اجل ايندو آهي ته جتيءَ ۾ هڻ ڪڻ ويهي ويندي آهي. ڀلا موت جيڪو اچڻو ئي اچڻو آهي، انهيءَ کان ڪيترو پاڻ بچائبو؟ چتي ڪتي جي چڪ کان سنو آهي ته ماڻهو ميڪر[2]منهن وڃي. چوان ته انهيءَ چولان چول سمونڊي جي ڇاتيءَ تي ڪو نشان ڇڏي وڃان، ڪو يادگار قائم ڪري وڃان. راجا، راضي ٿيءُ، منهنجو عرض اگهاءِ.“

”وهه ڙي واهه سنڌباد! واهه جي ڳالهه ڪيئي. بروبر چتي ڪتي جي چڪ کان سنو آهي ته ماڻهو ميڪر وات وڃي. دليريءَ جي ڳالهه ڪري دل خوش ڪري ڇڏيئي. هاڻ جهڙا چوندين، اهڙا ڏان ڏيندوسانءِ، اهڙا هوڙها ۽ ٻيڙا ڏيندوسانءِ، جو ستن سالن ۾ ست ئي وڏا سمنڊ پار اکري وڃين. پر ها، هڪڙو سو منهنجو ڪم توکي ڪرڻو پوندو، پر اهو ڪم سمونڊ پار ڪرڻ کان به اهکو آهي.“

”راجا، ماڻهوءَ جي پاڻ سچو هجي ته پوءِ دنيا جو ڪو به ڪم اهکو آهي ئي ڪونه، سڀ ڪم سهڪا آهن.“ ”ته پوءِ ڪن ڏئي ٻڌ سنڌباد!“ اتي سنڌباد ڏٺو ته اوچتو راجا جون اکيون ڪاوڙ کان چنجهيون ٿي ويون ۽ متون ڦوڪجي

ويو. راجا چيو: ”سنڌباد، پوٽاميا[3] جي راجا تي اسان جون وڏيون باهيون آهن. وڏي غيرت آ اسان کي. جيڪا ڪنوار اسان کي وٽي، سا به اهو راجا وجي پرڻيو ۽ اسين چپ چٽيندا رهياسين. ڇا ته عجب عورت هئي! ٽيٽو ته هئس سنڌ ملڪ جي راڻي، پر الائي ڇا وجي ٿي!.......“

اها ڳالهه راجا وڏو ٺڏو شوڪارو پريندي چئي ۽ وڏي ڪروڌ مان ڳالهائيندي ترار تي هٿ مهتيندي چيائين:

”وري منهنجو پيءُ راجا پنيو مهيرامڻ گذاري ويو. ڪونه آيو. منهنجي تخت نشينيءَ تي به ڪونه آيو. وري مٿان ٺوڪ ته سنڌ جي راجا کي راجائيءَ جي ڪيهي خبر؟ سنڌ جو راجا وجي جهار هڪلي. سو هاڻ چوان ته نهڙنيانس. تاج ۽ تخت سپ اونڌو ڪري ڏيانس. ڪاڇي ڇا سان.“ سنڌباد، راجا جي اها ڳالهه ٻڌي وائڙو ٿي ويو. سو پريشان ٿيندي چيائينس:

”راڄ ڏٽي، پوءِ آئون ڇا ڪريان؟ انهيءَ ڳالهه سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟ اهو ته اوهان جو ذاتي مسئلو آهي.“

راجا، سنڌباد جي ڳالهه اڌ ٻڌي ڪندي چيو:

”سچو ڪم ئي توکي ڪرڻو آهي سنڌباد!“

”ڪهڙو ڪم؟“ — سنڌباد حيران ٿي ويو هو.

”ٻڌايانءِ ٿو..... ٻڌايانءِ ٿو....... تنهنجو ڪم ڇا آهي؟ اڪ مان ماڪي لاهڻي آهي. بس تون پوٽاميا وجي پتو لڳائجانءِ ته پوٽاميا جي راجا جي ڪل فوج گهڻي آهي؟ هڪ. پيادي فوج گهڻي اٿس؟ ٻه. اٺن ۽ خچرن ۽ گهوڙن جا ڪيترا جٿا اٿس؟ ٽي. اهو ته آرياتان[4] واري هرنامس نار[5] ۾ سندس هوڙها ۽ ٻيڙا ڪيترا آهن؟ ملڪ جي مالي حالت ڪهڙي آهي؟ ملڪ ۾ ڏڪاراتن. ڪي سڪار؟ بس پوءِ تون چٽو آهين. ڏس ته پوءِ ڪيئن ٿو واڄٽ وڄايانس. اصل دوناڙ پچندوسانس. جيئن مايون چوندیون آهن: ڏوئي سان ڏند پچندي سانس.“

راجا جي ڳالهه ٻڌي سنڌباد جا جڻ ڇيهه ڇڇي پيا. سو سر تان آهو ڪٽندي، نهه پهه چيائينس:

”راڄ ڏٽي، سمجهو ته اهو ڪم به ڪين ٿيو. اهڙو ڪڌو ڪم مون کان اصل ڪين ٿيندو.“

”ڇو؟... ڇو نه ٿيندو. اهو ڪم توکان؟“

”ڇو ته آئون هڪ سيلاني آهيان نه گپت[6].“

”تون سيلاني آهين ڪي گپت. ڇو نه ڪندين تون اهو ڪم؟ لاڦون ته وڏيون ٿو هڻين.“

”ڇو ته هڪ سيلاني گپت ٿي نٿو سگهي. دنيا ۾ اهڙو ڪو مثال آهي ئي ڪونه. راجا، سيلاني جو ڪم دشمن ملڪن کي دوست بنائڻ آهي. جدا جدا ملڪن جي علم ۽ فلسفي کي هڪ ٻئي سان روشناس ڪرائڻ آهي. سڄي دنيا جي ملڪن ۾ واپاري لاڳاپا پيدا ڪرڻ ۽ هنرن جي مٽا سٽا ڪرائڻ آهي. جيئن سڄي دنيا هڪ بهشت بڻجي

پوي. هڪ سيلانيءَ جو ڪم اهو ناهي تہ هو ستل نارين ۽ ٿڃ پيئاڪ ٻارڙن مٿان گهل چاڙهي اچي ۽ سندن پر امن ملڪ ۾ مانڌاڻ وجهرائي ڇڏي. نہ راجا، اهو ڪم مون کان اصل ڪين ٿيندو."

"هاٿيءَ جي پيٽ ۾ سبرائي ڇڏيندوسانءِ. اسان جي ڏمر کان ڏڪ، سوچي سمجهي جواب ڏي، سنڌباد! مارائي ڇڏيندوسانءِ."

"مرضيءَ جو مالڪ آهين راجا!" سنڌباد کي جيڪي چوڻو هو سو چئي ڏنائين. تڏهن راجا خوش ٿي چيس:

"وه ڙي واه سنڌباد! توکي جهڙو ٻڌوسين، تهڙو ڏٺوسين. اسان تنهنجو امتحان پئي ورتو. پوٽاميا جو راجا اسان جو وڏو يار آهي، دوست ملڪ آهي اسان جو. تون پنهنجي پيشي سان ايڏو تہ سچو آهين، جو ڪنهن بہ ملهہ توکي خريد ڪري نٿو سگهجي ۽ نہ ئي موت جو ڊپ ڏئي توکي هيسائي سگهجي ٿو. تو ڪٿيو، هاڻ تون جيئن چوندين، تيئن ٿيندو. اسين توکي اهڙا هوڙها ڏيندا سين جن جا اولا عاج جا هوندا. اهڙا ٻيڙا، جي مها سنڌو ساگر کان سواءِ ٻين ملڪن ڏٺا ئي نہ هوندا."

پوءِ راجا سنڌباد کي شاهي دسترخوان تي وٺي آيو، جتي طرحين طرحين طعام ۽ ميوا سجايل هئا ۽ سنڌباد راجا، راڻين، منترين ۽ سيٺي مهمانن سان گڏجي کاڌو کائڻ لڳو. سڀ ڏاڍا خوش پئي ڏسڻ ۾ آيا.

# گرات منڙي ۽ ڪارو مور

سنڌ جي راجا ناڪئن ڪي تي وڏا ٻيڙا، پاتال بندر جي ٻار ۾ لاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو هو. تنهي ٻيڙن جي سڙهن تي واڳون جا نشان هئا. مهاڻن ٻيڙن کي مانگر مڇ جي چرٻيءَ سان پئي مک ڏنا ۽ تن پئي تنيا.[1] ڇا ته ٻيڙا هئا! جهڙا ڪر چانديءَ جا چيخلا. عاج جا اولا. مٿان وري امن جي اڇن ۽ گيڙو سڙهن جو سٽاءُ. تالهيءَ جو ڪاٺ، مٿان ميڪر جي چرٻيءَ جو مک. سنڌ جي ماڻهن اهڙا ٻيڙا سمونڊ ۾ دنگندي اڳي ڪڏهن بہ ڪين ڏٺا هئا.

سج اڀرڻ سان گوديءَ مٿان ماڻهن جا حشام مڙي آيا هئا. ٻيڙا ڏسيو ماڻهو ڏاڍا خوش پئي ٿيا. ٻارڙن ٻيڙا ڏسيو سمونڊ ڪناري رانديون پئي ڪيون، ڄڻ وڏو ڪوجشن جو ڏينهن هو. پهلوانن ملهون، ٻلهاڙا ۽ ڪوڏي ڪٻل پئي ڪئي. مگڻهارن دهل ۽ ناد پئي وڄايا، نارين ناچ وڌا، ٻارڙين ڇيڪلي پايو پئي پير گسايا تہ ٻئي طرف چوڪرن جي هنبوڇي لڳي پئي هئي. اصل ست ڪٽ.

ملاحن ٽئين وڏي ٻيڙي ۾ نوح نبيءَ جي ٻيڙي لاءِ چيريل تالهيءَ جو چريل ڪاٺ پئي چاڙهيو جو سوڪڙي طور نوح نبيءَ ڏانهن ڪٽي وڃڻو هو.

اهو سمورو لڪاءُ راجا، راڻي ۽ سنڌباد محلات جي اونچي مناري تان بيٺي ڏٺو ۽ پاڻ ۾ ڏاهپ جون ڳالهيون پئي ڪيائون. راجا ڳالهائي تہ پاڻ‌ءَ راجا ڏاهو آهي.. سنڌباد ڳالهائي تہ پاڻ‌ءِ سنڌباد وڌيڪ ڏاهو آهي. پر چوندا آهن تہ: ”راجا، راجا هوندو آهي.“ نبين کان پوءِ علم راجائن جي حصي ۾ مڙيوئي سرس ايندو آهي. سنڌن ذهنن مٿان قدرت پاران ڏاهپ ۽ دانائيءَ جي سدائين پالوٽ پئي ٿيندي آهي. سو راجا وڏي سوچ ويچار سان پئي ڳالهايو: ”سنڌباد – هي ڌرتيءَ جو گولو هڪ وڏي ڳجهارت آهي. ان جا اسرار ئي پنهنجا آهن. هن سڄي سرڳذام[2] جي هيٺان حيات سان ڀرپور ڌرتيءَ جهڙو ٻيو ڪو گره آهي ئي ڪونہ. جنهن تي رهن ٿا انسان، جن، پريون، ديو ۽ ٻيا ساهوارا، جن ۾ هڪڙيون آهن آتمائون[3] ۽ ٻيون آهن نر آتمائون.[4] نر آتمائون پنهنجو وقت پورو ڪرڻ سان فنا ٿي وينديون آهن. نشت ۽ پسم ٿي وينديون آهن. باقي آتمائن کي ڪي بقا آهي. سي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ نظاري نروار ٿين ٿيون. ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ نوح نبي پيدا ٿيڻو آهي. اها ڳالهہ مون کي منهنجي ابي راجا مهيرامڻ ٻڌائي هئي ۽ منهنجي ابي مون کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ دنيا جا راجا ڇا بہ چون، تون نوح نبيءَ جو پاسو وٺج. سچ جو پاسو. اهو نوح نبي هڪ وڏي مها پرلئہ[5] جي اڳڪٿي ڪندو. اهو نبي سڳورو پاپ ۽ ڪلاپ خلاف وڙهندو. هڪ تمام وڏو ٻيڙو ٺهرائيندو ۽ ڌرتيءَ تي انسانن، جانارن، پسن، پکين، جيتن، سرڻن، وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن جا نسل بچائيندو. نہ تہ پرٿوي تي ڪا بہ شيءِ باقي نہ رهندي. پهاڙ ۽ پوتا حيات کان خالي ٿي ويندا. اهو نوح نبي

خدا جي هيڪڙائيءَ جو پيغام ڏيندو ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندو.“ ڳالهه ڪندي راجا وڏو گهرو اونهو ساهه کنيو ۽ وري ڳالهه جاري رکندي چيائين ته: ”سنڌباد، سچ پڇين ته اسان کي نوح نبيءَ ۾ وڏو ويساهه آهي. راجا، پرجا جا قيدي هوندا آهن. سدائين ڪين پرجا جو اونو هوندو آهي ته پرجا خوش آهي، ڪي ناخوش؟ پر سيلاني ڪنهن جا به تابع نه هوندا آهن. اهي فقط پنهنجي ضمير جا تابع هوندا آهن، جيئن تون آهين. سو ڳالهه تي ڪيم ته ساموندبيڪا سيل ڪندي ڪارو ڪيڙيندي جي پاڳ پيڙو ڏي ۽ تون نوح نبيءَ جي دربار تائين پهچي وڃين ته پوءِ انهيءَ نبي سڳوري کي منهنجا ڪوڙين جهار[6] چئيج ۽ مون پاران نوڙت ڪج ۽ منجهس نمي ڪمي نهارت ۽ ٿالهيءَ جي چيريل ڪاٺ وارو ٻيڙو مون پاران ڪيس تحفي ۾ ڏيج ۽ چئيج ته سنڌ – واسين جو اوهان ۾ پڪو ويساهه آهي ۽ جيڪي سلام ڏينئي، اهي سمورا ياد ڪري مون کي آٽي ڏيج. بس اها ڳالهه مون تو سان ڪرڻ پئي گهري.“ راجا جي اها ڳالهه ٻڌي سنڌباد راجا سان وچن ڪيو ته هو راجا جي اها ڳالهه اڪين سين پاريندو.

پوءِ راجا ۽ راڻي سنڌباد کي وٺي مناري جي ڏاڪن تان هيٺ لهڻ لڳا. راجا چيس: ”سنڌباد، اڄ هل ته آئون توکي پنهنجي پيءُ راجا مهيرامڻ جو محل گهمايان ۽ پنهنجي ابي پاران توکي اهڙيون شيون ڏيان جو ساموندي سفر ڪندي توکي ڪم اچن.“

پوءِ راجا ۽ راڻي سنڌباد کي مهيرامڻ جي انگاس محل ۾ وٺي ويا. محل جا درڇڻ جادوءَ سان پئي کليا ۽ بند ٿيا. سنڌباد ڏٺو ته محل ۾ شينهن جون گجگوڙون آهن. سوني تخت جي پاون تي وڏي نسل جي باز جو جوڙو ويٺو هو ۽ ڪيهر شينهن محل ۾ پلين جيان پئي ڦريا ۽ رکي رکي تاڙهون پئي ڏنائون. پئي گڙا ۽ گريا. سنڌباد کي ڪيهر شينهن جي ٻچن جي هڪ جوڙي ڏاڍي وڻي.

راجا چيس:

”سنڌباد، هي ڪيرٿر پهاڙ جا ڪيهر اٿئي. هيءَ جوڙي هاڻ ڇهن مهينن جي ٿي وئي آهي. هي پاڻ سان ڪٽيو وڃج. اهي ساموندي توڙي ميدانن ۾ نراتمائن جي حملن کان توکي بچائيندا. اهڙي تکي حملاور شيءِ دنيا ۾ ٻي ڪا آهي ئي ڪانه.“ پوءِ راجا ڪيس سوني تخت جي پاون تي ويٺل تيتري باز جي جوڙي وٽ وٺي آيو ۽ چيائين:

”هي ننگر ٺٽي جا باز آهن – ڪينجهر جا شڪاري باز. هي دنيا جا سڀ کان تيز رفتار پکي آهن. جڏهن چاڙون ۽ چيچ اڪرندي تون تڙ توائي ٿي ويندين ۽ تنهنجا ٻيڙا سمونڊ ۾ اولو ٿي ويندا ته هي اڏامي توکي سمونڊ سونهون ڪندا ۽ قطب ٻڌائيندا ۽ توکي خوفناڪ ڏائڻين ۽ راڪاسن ۽ ٻين بلائن کان بچائيندا. هي دشمن جي اک تي حملو ڪندا آهن. هنن جو وار ڪڏهن به گسندو نه آهي.“ سنڌباد باز ۽ ڪيهر شينهن جي جوڙي حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. اوچتو هڪ مينا اڏامندي راڻيءَ جي ڪلهي تي اچي ويٺي ۽ چيائين:

”راڻي ماءُ، هيءَ نوجوان ڪير آهي؟“ ”راڻيءَ چيس ته ”هي سنڌباد آهي، دنيا جي سفر تي نڪتو آهي.“

”راڻي ماءُ، هڪ انگل ڪريان؟“

”تون سؤ انگل ڪر منهنجي لاڏڪي. “ راڻي ڪيس ڪلهي تان لاهي چمڻ ۽ پيار ڪرڻ لڳي. مينا چيس:

”راڻي ماءُ، دنيا جي شيل تي باز به وڃي ٿو، ڪيهر به وڃن ٿا. الله مون کي به اکيون ڏنيون آهن، آئون به ته ڪي شيل ڪريان. مون کي هي نوجوان وڻيو آهي. مون کي به اهڙي آگيا[7] ملي ته آئون به شيل ڪريان. راجا پنهنجي مهيرامڻ کان پوءِ هاڻ ته مهل ڪاٿڻ تو اچي. “ ۽ پوءِ راجا ڏانهن نهاري چيائين:

”راجا، راضي ٿيءُ ته مينا ملڪ گهمي. “

”ها، ها، تون پلي وڃ. هيڪلائي ۾ سنڌباد کي چرچا ٻڌائجانءِ. سنڌباد سان تنهنجو گڏ وڃڻ تمام ضروري آهي. “

”سنڌباد، توکي منهنجي هلڻ تي عار ته ناهي؟“ مينا جي ڳالهه تي سنڌباد کلي چيو: ”توجهڙي منڙي مينا مون سان گڏ هوندي ته پوءِ منهنجو وقت سٺائو گذرندو. “

”آئون توکي جنن ۽ پرين جون ٻوليون سيکاريندس. “

مينا حاصل ڪري سنڌباد خوش ٿي ويو، پر ساڳئي وقت ڪيس ڪا ڳالهه پريشان ڪري رهي هئي، سو راجا ڏانهن نهاري چيائين:

”اي راجا، جڏهن توکي هنن پکين ۽ جانورن جي ايڏي ڄاڻ آهي ته پوءِ توهان اهي راجائي شونق چو ڇڏيا؟ اهڙا شونق جي توکي تنهنجي ابي راجا مهيرامڻ کان مليا. “ سنڌباد جي انهيءَ ڳالهه تي راجا ڏاڍو ڏکوئجي ويو، راڻي درماندي ٿي وئي. راجا وراڻيو:

”سنڌباد – ان پنيان ڪو سبب آهي، ڪا ڳالهه آهي. سپ کان وڏو شونق اولاد جو آهي، چوان ته آئون به پيءُ ٿيان. پر هاءِ هاءِ..... مون کي اولاد آهي ئي ڪونه. اهڙيءَ نعمت کان آئون وانجهيل آهيان. الائي چا چا ڇڏيو وتان، نه ته جيڪر آئون به چوان ته ڌرتي جا شيل ڪريان، سمونڊ ماپيان ته ڪٿي ڪيڏو پاڻي آهي ۽ ڪٿي ڪيڏو؟ منهنجي دل به چوي ته سنڌوجي ماترين ۾ پرجا سان گڏ جشن ملهايان، باز اڏاريان، ڪيهرن کي تاڙهون ڏياريان، گهوڙا ڊوڙايان، اٺ نچايان، ڏاند گاڏيون هڪليان، مينهون ۽ گايون ڏهان، ڪمانڊ پوکيان ۽ ڪٽڪون لٽا، پر اولاد کان سواءِ روح ئي مئو پيو آهي. هڪ ڏينهن وڏي سجدي مان اٿيس ته هڪ سيلاني مون کي مليو. ان وٽ هڪ گراٺ منڙي هئي، ڄامڙي شيدڻ ڇئن سالن جي. ان سيلانيءَ چيو ته راجا، توکي اولاد تڏهن ٿيندو، جڏهن تون هن ڄامڙيءَ کي خوش ڪندين. جڏهن هن ڄامڙيءَ جي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها نڪرندا ۽ انهن ڳوڙهن جو پاڻي تنهنجي راڻي پيئندي، تڏهن توکي پٽ ڄمندو! “ راجا پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي چيو:

”تڏهن چيومانس تہ اي درويش خدا جا، ڪهڙين ڳالهين تي هيءَ خوش ٿيندي؟ تڏهن درويش وراڻيو تہ هيءَ ڄامڙي ڪاري ولات همباشا جوجن آهي. هن جي ملڪ تي راڪاسن جو قبضو آهي. هيءَ ڄامڙي پنهنجي گهوٽ کان وڇڙي وئي آهي. جي هيءَ پنهنجي گهوٽ سان نہ ملندي تہ پوءِ هن جو گهوٽ نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ کان رهجي ويندو ۽ اهو گناهہ ٿيندو. پوءِ اهو سيلاني فقير انهيءَ ڄامڙيءَ جي گهوٽ جي تلاش ۾ نڪري ويو. سال ٿي ويا آهن، اهو سيلاني نہ موٽيو آهي. هاڻ تہ اها ڄامڙي اڇي سامائي آهي. پنهنجي گهوٽ سان ملڻ جي فراق ۾ بيمار ٿي رهي ۽ گهائل ٿي گهاري. “ بادشاهہ اها ڳالهہ ڪري ڏاڍو پشيمان ٿي ويو هو. سنڌباد چيس:

”راجا، اوهان مون کي ان ڄامڙي سان ملايو. متان منهنجي ڳالهين سان ڪيس ڪا شڪتي ملي ۽ هوءَ خوش گهاري. آئون اوهان سان وچن ٿو ڪريان تہ آئون سڄو ساموند ڇاڇولي، انهيءَ گراٽ منڙي ڪي هٿ ڪندس ۽ خدا جي حڪم ۽ اوهان جي دعائن سان هي نوح نبيءَ جي ٻيڙي تي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. “ پوءِ راجا کيس پنهنجي محل ڏانهن وٺي وڃڻ لڳو، جنهن ۾ اها گرانٽ منڙي رهندي هئي.

# سنڌباد جو وچن

راجا ۽ راڻي سنڌباد کي پنهنجي خاص محل جي سمهڻ واري ڪمري ۾ وٺي آيا. اهو ڪمرو جهڙوڪر جادوگرن جو ٺاهيل هو. محل جي درين ۽ دروازن تي ڀڪندڙ رنگا رنگ لونگيءَ جا پردا پيئي لڙڪيا. محل جي ٿنڀن ۽ ڀتين تي هيرن جواهرن جو جنسار ٿيل هو. فرش تي رنگا رنگ غاليچا وڇايل هئا. محل جي منگهن مان سرهاڻين ڀريل ٿڌي هوا پئي گهلي ۽ جلترنگ جهڙا آواز پئي آيا.

راجا ۽ راڻي جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ڄامڙيءَ لاءِ سون ۽ چاندي جي منارن سان هڪ ننڍڙي محلات ٺهيل هئي، جنهن جي دروازن ۽ درين جي ڪنارين تي ڳاڙهي لعل جو ڪم وڏي هنرمندي سان ڪيو ويو هو. ان ننڍڙي محلات آڏو خوبصورت با غ هو. جنهن ۾ هڪ اداس ڪارو مور ويٺو هو. ان ويل اها ڄامڙي محل جي دروازي وٽ ڏاڍي نراس ۽ اٻاڻڪي ويٺي هئي. سنڌباد جي اک جڏهن ان ڄامڙيءَ تي پئي ته ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو ڪنهن طلسم ۾ اچي ويو هو. لعل ۽ هيرن جي روشنيءَ ۾ شيدڻ ڄامڙيءَ جو رنگ چمون جيان پئي ڀڪيو. جهڙي ننڍڙي گڏي، جيڪا جيئرن ماڻهن جيان پئي هلي ۽ چلي. سنڌباد کي ڏسي هن حيا کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. راجا ڏاڍي پيار سان ڪيس ڪٽي پنهنجي تريءَ تي رکيو ۽ ڪيس ڏڍ ڏيندي چيائين:

”پياري ڌي! هي سنڌباد آهي. هي تنهنجي گهوٽ جي ڳولا ۾ سڄي پرٿوي ووڙيندو ۽ سمورا سمونڊ ڇاڇوليندو. خوش ٿي. منهنجي دل شاهدي ٿو ڏئي ته هي نوجوان تنهنجي گهوٽ کي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. خوشيءَ مان هن کي آشيرواد ڏي ۽ دعا ڪرينس ته هي پنهنجي سفر ۾ ڪامياب ٿئي.“

راجا جي ڳالهه ٻڌي ڄامڙي سنڌباد کي ڪيڪارڻ لاءِ ريشمي پوتي جو پلئه هٿ جي تري تي ڏئي، سر جهڪائي ننڍڙو هٿڙو سنڌباد ڏانهن وڌايو. سنڌباد پنهنجو وڏو وڏو هٿ هوريان ڄامڙي جي مٿي تي رکي، پوءِ سندس ننڍڙي هٿ سان پنهنجو هٿ ملايو ۽ چيائينس:

”تنهنجي گهوٽ جي ڪا نشاني توکي ياد آهي؟“

”ها، هن جي کاٻي ڳل تي هيٺئين چپ وٽ ڀورو تر آهي.“

”ٻي ڪا نشاني....؟“

”هن جهڙو ٻيو ڪو ماڻهو دنيا ۾ آهي ئي ڪونه. اسان جي پاڻ ۾ نه ملياسين ته اسان جو نسل هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو.“ اها ڳالهه چوندي ڄامڙي جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. اها ڳالهه ٻڌي سنڌباد جي همدردي ساڻس ويتر وڌي وئي. چيائينس:

”آئون توسان وچن ٿو ڪريان تہ آئون تنهنجو گھوٽ ڳولي لهندس، پلي هو دنيا جي ڪھڙي بہ ڪنڊ ۾ هجي.“

”توکي يقين آهي تہ تون هن کي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندين؟“

”ها — ڇو تہ مون کي اها ڄاڻ آهي تہ جيڪو بہ ڪم ماڻهو سچي دل ۽ نيڪ نيت سان ڪندو آهي تہ قدرت ان جو ساٿ ڏيندي آهي.“ سنڌباد جي واتان اهي گفتا ٻڌي، ڄامڙي جي دل کي ڄڻ آٿت اچي وئي.

ان ڪان پوءِ راجا، راڻي، ڄامڙي ۽ سنڌباد گڏجي ماني ڪاڌي. جڏهن سنڌباد سمهڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ لڳو تہ ڄامڙي چيس تہ: ”سنڌباد، سامونڊي سفر ڪندي توکي الائي ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون آڏو اچن. مون وٽ جادوئي سرمو آهي، جنهن کي اکين ۾ پائڻ سان ماڻهو پاڻي ۾ ڏسي سگھندو ۽ ساهہ بہ کڻي سگھندو. ٻيو تہ هي ڪارو مور مون کي پنهنجي ساهہ کان بہ وڌيڪ پيارو آهي. اهو مور منهنجو اڏام کٽولو بہ آهي. هي ڏاڍو سٺو ٺهوڪندو آهي، پر جڏهن کان اسين وطن کان وڇڙي ويا آهيون، هن ٺهوڪڻ ڇڏي ڏنو آهي. سڄو ڏينهن ڳاٽ زمين سان ٽڪايو، الائي ڪھڙا پور پيو پچائيندو آهي. تون هن مور کي پاڻ سان وٺيو وڃ. جنهن بہ ملڪ ۾ هي ٺهوڪي، سمجھ تہ منهنجو گھوٽ ۽ هن جي ڪاري ڊيل انهيءَ ملڪ ۾ آهي. بس هي مور تنهنجي رڳو ايتري مدد ڪري سگھندو.“ سنڌباد کي عجب لڳو تہ وطن کان جدا ٿي ماڻهو ڇا، پکي بہ پساهہ ٽوڙڻ لڳندا آهن. ڄامڙيءَ جون ڳالهيون ٻڌي سنڌباد پاڻ بہ ڏاڍو ڏکوئجي ويو هو. راڻي جي اکين ۾ بہ پاڻي اچي ويو هو. راجا چپ هو ۽ مور جو ڳاٽ هيٺ جهڪيل هو. ڌرتيءَ تي سڌو سڌو ڳاٽ رکيو، ڪارو مور ڄڻ بيمار پئي لڳو. سنڌباد کي مور جي حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هن انهيءَ ڪاري مور کي پيار مان کڻي ڪڇ ۾ ڪيو متانئس هٿ ڦيرائڻ کان پوءِ کيس فرش تي ڇڏيائين ۽ پوءِ راجا ۽ راڻيءَ سان گڏ محل مان نڪري ويو.

# ڪارونجهر جبل جو ڏهڪاءُ

اتر جون ٺڏڙيون هوائون گهلڻ لڳيون هيون. سرن جا پانڌ نسري پيا هئا. پوهه جي پهرين جو چنڊ ڏسي، راجا ۽ راڻيءَ سنڌباد کي سمونڊ جي سفر جي موڪل ڏني. پاتال بندر جي ماڻهن وڏي ڌام ڌوم، ٺٺ ۽ اڊمبر سان سنڌباد جي ٻيڙين اسهڻ جو جشن ملهايو. گوديءَ تي ملهون ۽ پلهاڙا ڪيڏيا ويا. راڻيون، دايون ۽ پايون سمونڊ کي موڪا ڏيڻ لاءِ پڪا وجهڻ لڳيون، ڪنواريون ناچ ڪرڻ لڳيون، سمونڊ ڪناري چوڌس دهل ۽ دمامر هئا. ناڪئن کوها کولڻ جا ناد وڄايا.

ايلي آلا ايسو.

زور لڳايو هيسو.

ايلي آلا ايسو. مهاڻا وڏاندرا ونجهه هڻندا ٺنهي ٻيڙن کي اونهي عميق ڏانهن ڪاهيندا تي ويا. سنڌباد جي ڪاٻي پانهن تي باز ويٺو هو. هو ساڄي پانهن لوڏي راجا، راڻيءَ، جامڙيءَ ۽ بندر تي آيل سيني ماڻهن کان موڪلائي پئي ورتائين. پار[1] ۾ ٻيڙن جا اڇا، گيڙو ۽ هيڊا سڙهه، هوائن ۾ ڦوڪجندا، مٿي ڪڇندا تي ويا. شراپ.... شڙاپ.... ٺئي ٻيڙا چنگهندا پاڻيءَ کي چيريندا، پنهنجي پنيان گاج[2] جا وڏا ليڪا وجهندا پئي ويا.

هو — نيدوءَ ۾ ناتاري

ايسو..... هيلي الا هيسو.....

هو — سمونڊ آ ساتاري ايسو.....

زور لڳايو ايسو..... هيسو.....

ايلي آلا هيسو..... ايسو

زور لڳايو ايسو..... هيسو

سمونڊ ۾ ٻيڙا موج ۾ هلندا پئي ويا. سنڌو درياهه جي ٺنهي چاڙن وٽان گذرندي سنڌباد ۽ سندس ساٿي سنڌو درياهه جا نظارا ڏسي حيران تي ويا. اکين کي جڻ ڍءُ ئي نه پيو ٿئي. سنڌو درياهه جي آرسيءَ جيان شفاف پاڻيءَ ۾ جلپريون ۽ پلهٽيون ٽڙيون ڪايو ڏاهيالي راند پئي ڪيڏيون ۽ سامونڊي گهوڙا، هاٿي، هرڻ، ڦاڙها، گينڊا ۽ روجهون ميدانن ۾ پئي چنا. سنڌباد جي ڪيهر شينهن جي جوڙي حيران تي انهن جانارن ۾ نهاري رهي هئي ۽ باز اڏامي سڙهه جي چوٽيءَ تي وڃي ويٺو هو. ناڪئا ۽ مهاڻا هوڙها هاڪاريندا تي ويا.

هيلي آلا هيسو..... هيسو

زور لڳايو هيسو..... ايسو

هو – سڀ ڇاڙون ۽ ڇڇ

اڪري وينداسون.....

هيسو..... ايلي الا ايسو.....

هيسو..... هو، هر مشڪل سان.....

نبري ويندا سين..... ايسو

زور لڳايو ايسو..... هيسو

ايلي آلا هيسو..... ايسو

ناڪئا هوڙها هڪليندا پئي ويا. سج پئي لٿو ۽ اڀريو. جيستائين نهار تي ويئي، ڇولان ڇول مها سنڌ ساگر چلي رهيو هو. ڇولين جا ڇڇڪا هئا. چوٿين ڏهاڙي ئي اوپر ڪان سج ڪني ڪڍي ته نوجوان ملاحن جي واتان رڙيون نڪري ويون. وٺي خوفناڪ دانهون ڪيائون:

”خبردار! پڪ ئي پڪ اسين ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسڻ وارا آهيون.“

”هي لقاءُ ته ڏسو، سمونڊ ڪي باهه لڳي پئي آهي....! اسين ڪنهن وڏي جادوءَ ۾ ڦاسڻ وارا آهيون.“ ٻئي ملاح رڙ ڪئي هئي. تڏهن سنڌباد ڊوڙندو ٻيڙي جي آڳل تي آيو. ڏسي ته اپرندي پار ڏي سمونڊ ۾ نيڻ نهار تائين پکڙيل تانبي جو پهاڙ آهي، جيڪو پيو ٻري ۽ ڀاڦون ڇڏي.

”خبردار! موت ڪاٿو نه ته اسان جو موت آهي.“ ٻين جي ٻيڙين مان به اهڙا آواز اچي رهيا هئا. تنهي ٻيڙين ۾ ڏهڪاءُ پئجي ويو هو. سڀ اکيون ڇنڀڻ کان سواءِ خوف مان انهيءَ ٻرندڙ باهه جي جبل ڏانهن نهاري رهيا هئا. تڏهن سنڌباد وڏو ٽهڪ ڏئي ۽ چيائين:

”ساٿيو، اڃا ڳالهه ڪٿي پئي آهي. اڃان ته اسين پنهنجي وطن ۾ آهيون. پارا چر رشيءَ[3] جي ديس ۾. اعتبار ڪيو ته اهو تانبن جيان ٻرندڙ جبل جنن ۽ ديون جو استان نه پر ڪارونجهر جبل آهي. اراولي جبل جو پاهڻ ائين سج جي روشني پوڻ تي تانبن جيان تجلا ڏيندو آهي.“ تڏهن هڪ نوجوان ملاح رڙ ڪندي چيس:

”سنڌباد، اسين ڊڄون پيا. متان ڪا آفت متان اچي ڪڙڪي.“ ملاح جي انهيءَ ڳالهه تي سنڌباد دلاسو ڏيندي چيس:

”ناڪئا! پانيان ٿو ته انهيءَ پار تون پهريون ڀيرو سفر ڪري رهيو آهين، تڏهن پيو هيٺو ٻولين.“

”ها..... مان سمونڊ جي سفر تي پهريون ڀيرو نڪتو آهيان.“ سنڌباد ناڪئي جي ڳالهه ٻڌي چيو:

”مون ناد ۾ نگد ۾ پڙهيو آهي ته اهو ڪارونجهر پهاڙ وڏن رشين ۽ سامين جو ماڳ آهي. اهو ڏاڍو پاڪ پهاڙ آهي. انهيءَ پهاڙ جي چوٽين مٿان ڪا به پراسرار طاقت پر نٿي هٽي سگهي. ان پهاڙ جي پرئين پار ننگر– پارڪر جا محل ۽ ماڙيون آهن. هلو ته اڄ انهيءَ پلاري جبل جا سير ڪريون ۽ ساهي پٽيون. انهيءَ پلاري پونءِ تان رڳو ائين ئلهو گذري وجڻ ستو نتو لڳي.“ سنڌباد جون اهي ڳالهيون ٻڌي پوڙهي ناکئي چلم مان ٻڙڪو پريندي چيو:

”بلاشڪ سنڌباد. تون ڏرتي جو ڄاڻو ماڻهو آهين! علم کان سواءِ ماڻهو انڌو ۽ بيڪار آهي. ائون ان ڪري چپ ويٺو هئس ته ڏسان ته تون ڇا ٿو چئين؟ توکي جس آهي. مون کي ياد آهي، آئون اڃا ڇوڪرو هئس. آئون راجا مهيرامڻ سان گڏ ڪارونجهر گهمڻ آيو هوس. اتان راجا ايسن جي پٽ جيسن جو ٻيڙو اڇي لانگهائو ٿيو ته هو ڊڄي ويا. دهشت نه جهلي سگهيا ته الائي ڇا آهي، کهڙو جادو آهي. اهو آهي ڪارونجهر جو نظارو.“ پوڙهي ناکئي جي ڳالهه سنڌباد وڏي غور سان ٻڌي.

”ته ڇئبو تو راجا ايسن جي پٽ جيسن کي ٻه ڏنو؟“

”هئو... شينهن مڙس هو. اصل مٽيرا ايڏو وڏو سيلاني اسان اڳ ٻڌوئي ڪونه. نه ماءُ ڄٽيو، نه ڄٽيندي.“

”ناکئا.... اڄ رات ننگر پارڪر ۾ گذاريندا سين.“ سنڌباد جي ڳالهه تي پوڙهي ناکئي هائو ڪار ڪئي ۽ خوش ٿي حقي کي ٻڙڪو ڪڍائيندي چيائين:

”واهه جي ڳالهه ڪيئي. انهيءَ پهاڙ ۾ پارا شر رشي چلا تو ڪدي، ويد ٿو رچي. اهو پاڻ کي سمونڊ جون ڪئين ڳالهيون ٻڌائيندو. انهيءَ رشي کان آشيرواد وٺي پوءِ ٻيڙا اڳتي هاڪاريندا سين. پوءِ سمجهه ته پنهنجا ٻيڙا پار آهن. جوکو ٿئي م جهاج کي.“

”ناکئا، جيڪا تنهنجي صلاح.“ سنڌباد ناکئي جون ڳالهيون ٻڌي ڪارونجهر جي چوٽين ڏانهن نهاري رهيو هو. جيئن جيئن ٻيڙا پهاڙ ڪارونجهر کي ويجها ٿيندا ٿي ويا، ڪارونجهر جي چوٽين مان مورن جي ٿهوڪن جا ازغيبي آواز وڌندا پئي ويا. پوڙهي ناکئي جي حڪم سين ملاح تنهي ٻيڙن کي ننگر پارڪر جي گوديءَ ڏانهن هاڪارڻ لڳا هئا.

هيلي الا هيسو..... ايسو زور لڳايو هيسو..... ايسو

نيبوءِ ۾ ناتاري ..... هيسو....

هو– سمونڊ آ ساتاري ..... هيسو زور لڳايو هيسو.....

ايسو...... هيلي آلا ايسو..... هيسو......

ٻيڙا گوديءَ تي لنگر انداز ڪرڻ لاءِ ملاحن وڏاندرا ونجهه پئي هنيا. ان ويل مينا اڏري اچي سنڌباد جي ڪلهي تي ويٺي ۽ چڻ چڻ ڪري مٺيون لاتيون لنوندي، ٻوليون ٻوليندي، سنڌباد کي چوڻ لڳي:

”سنڌباد، مون کي موڪل ملي. آئون هلان ٿي ملڪ جو واءُ سواءُ وٺڻ.“

سنڌباد چيس: ”توکي موڪل آهي، تون ڀل وڃي ملڪ جو واءُ سواءُ وٺ.“ سو مينا خوشي مان اڏامي ۽ سنڌباد جي ڏسندي ئي ڏسندي دور ڪارونجهر جبل جي چوٽين مٿان پر هڻندي نيري نڀ ۾ گم ٿي وئي.

# هوٽل پري ۽ گوڪان ڏائڻ

هاڻ ڇڏيون ٿا سنڌباد کي، وڃون ٿا هوٽل پري کي، جا سونهن جي کاڻ هئي. پراسرار علمن ۽ ڪاري جادوءَ جي ڪيس وڏي ڄاڻ هئي. علم نجوم ۾ سندس ڪو ثاني نه هو. جيڪا سالن کان ننگر پارڪر ۾ وڏا تڪسات سجايو ويٺي هئي. ڪئين ديو، جادوگرياڻيون ۽ ڏائڻيون سندس سڳي ۾ ٻڌل هئا. هوٽل پريءَ جي ڪنهن تي اک ٿي ڪانه ٻڌندي هئي.

ان ويل هوٽل پري جادوئي آرسيءَ آڏو ويٺي سمونڊ جو سارو لقاءُ ڏسي رهي هئي. ٽئي ٻيڙا سندس اکين آڏو هئا ۽ جادوئي آرسيءَ ۾ چٽا ڏسڻ ۾ پئي آيا. اڳئين ٻيڙي جي اڳل تي بيٺل نوجوان تي هن جون اکيون کپي ويون هيون. انهيءَ نوجوان جي ڪاهي چمڙا بند ٻانهن مٿان خوبصورت باز پکي ويٺل هو. انهيءَ نوجوان جي سونهن ڏسي هوٽل پريءَ جو عقل ٿي خرچ ٿي ويو هو ۽ هوءَ جادوئي آرسيءَ آڏو ويٺي الائي ڇا ڇا سوچڻ لڳي هئي. سنڌباد ۾ نهاريندي هوٽل پري جادوئي آرسي اڳيان هڪدم هٽي وئي ۽ هوءَ ڪنهن کي وڏي واڪي سڏ ڪرڻ لڳي هئي:

”گوڪان...... ڏائڻ گوڪان...... گوڪان......“ هوٽل پري تڪڙي تڪڙي پنهنجي محل اندران سڏ ڪندي، محل اندران هلندي ٿي وئي. محل جي دروازن جا پڙدا هلڪي هوا تي پئي لڏيا. محل جي پوئين پاسي پهاڙي غفائون هيون. هوٽل پريءَ جي سڏن جي پڙاڏي تي هڪ غفا مان گوڪان ڏائڻ ڊوڙندي آئي ۽ وڏي ڏهڪاءَ ڪان دهلجندي هوٽل پريءَ جي پنيان پنيان هلڻ لڳي. مهيري ماين جو اٽيل، سندس اوني ڪارو ڪتو سندس مٿي ۽ چيلهه ڪان هيٺ پيرن تائين لڙڪندو محل جي فرش سان گهربو پئي آيو. گوڪان ڏاڍي ڊناٽي هئي. هن جي رڳو ڪاٽيءَ اک ۾ سرمو پيل هو. هوٽل پريءَ جي سڏن تي هوءَ ايترو تڪڙو آئي هئي جو ٻيءَ اک ۾ سرمو وجهڻ ٿي ڪيس وسري ويو. هوٽل پري محل ڏانهن موٽ ڪاڏي هئي ۽ گوڪان ڏائڻ سندس پنيان لڙڪندي گهربي پئي آئي. هوٽل پري ڄڻ پنهنجي منهن ڳالهائيندي ٿي وئي:

”گوڪان! اڄ گوديءَ تي وڏا ٻيڙا لنگرجي رهيا آهن. الائي ڪهڙي ولات جا ٻيڙا....!“

”سائڻ، ٻيڙا ته روز پيا گوديءَ تي لنگربا آهن. ان ۾ عجب جي ڪيهي ڳالهه آهي؟“

”آهي ڳالهه عجب جي! گوڪان، مان عجب ۾ آهيان ته انسان ايڏو سهڻو ٿيندو آهي! سچ جادوئي آرسيءَ ۾ انهيءَ نوجوان کي ڏسي مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ منهنجو روح ڏوپجي اجرو ٿي پيو هجي.“

”سائڻ، پلا مون ڪارو جادو پڙهندڙ بدروح ڏائڻ کي ڪهڙي خبر ته روح ڪيئن ڏوپندو آهي ۽ روح آهي ڇا؟ اهي ڳالهيون اسان بي روح ڏائڻين جي ياڳ ۾ ڪٿي!“

هوٽل پري سندس ڳالهه ڄڻ ٻڌي ئي ڪانه. هوٽل پريءَ ڪي ته بس پنهنجيءَ لنءُ جي لوري لڳل هئي، سو گوڪان کي چيائين:

”گوڪان! آئون چاهيان ٿي ته اهو واپاري مون وٽ مهمان ٿئي. ننگر پارڪر جا منارا ۽ ڪارونجهر جون چوٽيون اهڙيون ته وڻي ويجنس جو پنهنجو وطن ئي وسري ويجيس. گوڪان ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ. ور ڪنديس ته اهو ڪنديس، نه ته ٻيو ور ڪنديس ڪانه. بس، اهو ئي نوجوان آهي، سالن کان مون کي جنهن جو انتظار هو. اڄ آئون ڏاڍي خوش آهيان. وڃ، گوڪل ديو کي چئه تو گوديءَ جو ڳرو ناڪو اڳاڙڻ جي مهرباني سان انهيءَ نوجوان واپاريءَ کي ريهي ريبي منهنجي شاهي محل ۾ وٺي اچي. هاڻ آئون هار سينگار ڪنديس. تون وڃ ۽ اهو ڪم وڃي پورو ڪر.“

”جيڪو حڪم سائڻ... حڪم جي پيروي ڪبي.“ گوڪان ڪارو ڪتو ٻانهن سان جهوليندي، ڳاٽ جهڪائي هوٽل پري آڏو ڪورنش ڪيا ۽ ڪارو ڪتو لڙڪائيندي، شاهي محل مان هلندي، غفائن ڏانهن وڃڻ لڳي.

”گوڪل... او گوڪل.....“ اونهين غفائن ۾ گوڪان ڏائڻ گوڪل ديو کي سڏ ڪرڻ لڳي. هڪ غفا مان پلاءُ جي خوشبو پئي آئي، تڏهن گوڪان ڏائڻ ڪٽي اوڏانهن منهن ڪيو ۽ منڊڪائيندي، گهرجندي، سڏ ڪندي، انهيءَ خوفناڪ اونهيءَ غفا ۾ هلندي ٿي وئي، جنهن ۾ وڏا پالا ۽ موتمار هٿيار ٽنگيل هئا.

انهيءَ اونهي غفا ۾ هاٿي جي ٻچي جهڙو ٿلهو ٿنيرو گوڪل ديو پلاءُ جي ديڳ مٿان ويٺو وڏي ڏوئي سان ديڳ مان پلاءُ ڪڍي، ڏاڍي مزي سان هڙپ هڙپ ڪندو کائيندو ٿي ويو ۽ پلاءُ کائيندي، گوڪان ڏائڻ جا سڏ ٻڌي ڪاوڙ مان سڄي سڄي دهل ٿي پيو هو. سو وڏي ٻوٿي مان ڇڪ هڻندي چيائين:

”گوڪان، سؤ پيرا چيو ٿمانءِ ته جڏهن آئون پلاءُ کائيندو هجان، ته مون کي سڏ نه ڪندي ڪر، نه ايندي ڪر منهنجي غفا ۾. ڏوئي سان مٿو ڀڃ اڏ ڪري ڇڏيندو سانءِ، ڏند پيچي ڇڏيندو سانءِ.“ گوڪل جي انهيءَ ڪاوڙ تي گوڪان ٻه ڪنڌا ڏند ڪڍي ٺهڪ ڏنو ۽ خوشيءَ مان ڪيڪراٽ ڪري اچا وڏا ٺهڪ ڏيڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي:

”گوڪل، جيڪو ڪاڏئي سو ڪاڏئي. آئون سمجهان پئي ته هاڻ تنهنجي ڪائڻ جا ڏينهن ڪٽي ويا. سچ چيو اٿن ته جيڪو گهڻو ڪائي ٿو، سو پنهنجي عمر گهٽائي ٿو.“ گوڪان ڏائڻ اچا وڏا ٺهڪ ڏيڻ لڳي.

”مٿوچا تي ڦربو اٿئي گوڪان؟ اڄ ڏاڍا پئي ٽيڪرات ڪرين.“

”گوڪل، جيڪا ٻوٿي ڪاڏئي سا ڪاڏئي. هوٽل پريءَ حڪم ڏنو آهي ته هينئر جو هينئر گوديءَ تي وڃ.“

”چو؟ گوديءَ تي چو وڃان؟“

”گوديءَ تي نوجوان واپاريءَ جا ٻيڙا لنگرجي رهيا آهن. آئون خوش آهيان، زندگيءَ ۾ پهريون پيرو هوٽل پريءَ ڪي ڪو آدم زاد وڻيو آهي. پهريون پيرو سندس من ۾ پيار جي اٿل آئي آهي. هاڻ هوءَ ڏک سڪ مون سان سليندي. عورت عورت جو ڪاڄ آ. هاڻ سندس اولا ڪم آئون سولا ڪنديس. گوڪل تنهنجو لڳڙ ڪاٽا تي ويو. هوٽل پريءَ

حڪم ڏنو آهي ته گوڪل کي چئه ته ڪتڪ جو جتو وٽي ڳرو ناڪو اڳاڙڻ جي بهاني سان انهيءَ واپاري کي شاهي محل ۾ وٺي اچي. جلدي حڪم جي پيروي ڪر، نه ته تنهنجو خير ڪينهي. پلاءُ جون ديڳيون ته چا، پوءِ هڏا ڳولئي به ڪونه ملنديءِ." گوڪان ڏائڻ جي واتان اهي اکر ٻڌي گوڪل ديو کي جڻ تپ چڙهي ويو هو. اجان پلاءُ جي ديڳ به هن ڪانه ڪاڏي هئي ۽ سندس ڪاٻي ڪک ئي اجان ڪانه ڀري هئي جو هيءَ ڏائڻ هوتل پريءَ جو حڪم ڪٽي، مٿان اچي موت جي سڌ جيان نازل ٿي هئي.

"وڃان ٿو، وڃان ٿو..." گوڪل ديو اهو چوندي به چار ڏوٿا پلاءُ جا ڳڙڪائي ورتا ۽ ديڳ ۾ حسرت مان نهاريندي، هٿ چٽبي، اٿي ڪڙو ٿيو.

گوڪل ديو ۽ گوڪان ڏائڻ جو اهو سمورو جهيڙو مينا پکيءَ غفا جي مٿاهينءَ جڳهه تان پئي ڏٺو. مينا پلاءُ جي خوشبو تي آئي هئي. گوڪل ۽ گوڪان جو جهيڙو ڏسيو ڏاڍي پئي خوش ٿي ۽ ڏاڍي بک محسوس ڪندي گوڪان کي هڪل ڪيائين:

"گوڪان ڙي گوڪان...." ازعيبي آواز تي گوڪل ۽ گوڪان ۾ ترٿلو پئجي ويو ته هي ڪنهن جو آواز آهي؟ اهو ڪير آهي جو هنن جي غفائن ۾ گهڙي آيو آهي؟ مينا وري ڳالهاين:

"هيڏانهن. هيڏانهن..... آئون هتي ويٺي آهيان. پلاءُ جي سرهاڻ آيم ته لهي پيس." مينا پکيءَ کي ٻوليندي ڏسي، تڏهن ٻنهي ۾ وڃي ساهه پيو، نه ته اصل جهڙو ڪر ڏڄي ويا هئا."

"ڀلي ڪري آئين مينا، اسين چئون ته هي آواز ڪٿان آيو؟"

"مون کي بک لڳي آهي. چار ڪٽا مون کي ڏيو ته چوڳو ڪري وٺان." تڏهن گوڪان ڏائڻ هڪ ڏوٿي پلاءُ جي ڀري، خوبصورت تڏي تي ڪٽي ڦهلائي ۽ مينا مزي سان چانور چٽڻ لڳي ۽ مزي مزي سان گوڪان سان ڳالهائيندي به پئي رهي. جڻ گوڪان ڏائڻ ڪيس وٽي وئي هئي. ڪاٽي اک ۾ سرمي جي لپ سان.

"آئي گوڪان! هي بي سوند هاتي تنهنجو چا ٿئي؟ جو هيڏا روب پيو رکي."

"اهو نياڳو ڪونهون[1] منهنجو مڙس آهي." جواب ٻڌي مينا کلي کلي ڪيري ٿي پئي. سندس مٺڙ ٻولين جا آواز غفائن سان ٽڪرائجندا شاهي محل ۾ پئي پڙاڏيا.

"چا ڪندو آهي تنهنجو مڙس؟" مينا به ڪچهري جي ڪا ڪوڏي هئي.

"شهر ننگر پارڪر جو ڪوتوار آهي."

"ڪوتوار...! سمجهي ويس. معنيٰ ڪوتوار تنهنجي اڌ برابر به ناهي. توهان جي ڳالهين مان ئي مون کي خبر پئجي وئي ته تون يعني مائي گوڪان، ننگر پارڪر شهر جي راڻيءَ جي صلاحڪار آهين....!"

”دعا ڪپي مينا، هي شهر منهنجي حڪم تي هلندو آهي. هتي هرجاءِ منهنجي جادوءَ جا منڊ منڊيل آهن. اهڙا ڪئين گوڪل ڏينڏا منهنجي حڪم سان ماني ڪائيندا آهن. آئون هن شهر جي اڇي ۽ ڪاري جي مالڪياڻي آهيان. “

”مينا ۽ گوڪان ڏائڻ جي ڪڇريءَ جو فائدو وٺندي گوڪل ديو زره ٻه پئي ٻڌي ۽ اک وٽي ديڱ مان چانورن جا لبا ٻه پئي هنيا، جنهن جو گيهه سندس واڇن کان هيٺ ڏاڙهي ڪان پئي ڳڙيو.

”گوڪل ديو.... “ اوچتو گوڪان ڏائڻ باه تي وئي. ”توکي هينئر ڪتڪ سميت غفا کان ٻاهر نڪري وڃڻ گهرجي ها، گودي ڏانهن! “

شرمسار هيساڻو گوڪل ديو چانورن مان آخري جهٽ هٽي، لوهي توپ مٿي تي پائي، ترار ڪٽي غفا مان نڪرڻ لڳو هو. گراهه ڳوريندي هن مڙي نهاريو ٻه ڪين.

”چا نالو آهي هن شهر جي راڻيءَ جو؟“ مينا ڪٺو ڳڙڪائيندي چيو.

”هوٽل پري. “

”دل جي ڪيئن آهي؟ “

”ڏاڍي سهڻي. “

”شونق ڪهڙا اٿس؟ “

”پنهنجي سونهن کي روزان روز وڌائڻ. ڪير ان گڏ هلڪا ڪاڏا ڪائڻ. سينگار ڪري، راڳ ٻڌڻ ۽ هيرا موتي ميڙڻ. “

”واهه.... واهه.... راڻي ته اها، شوق ته اهي، پلا ظالم آهي ڪين رحم دل؟ “

”اها ڳالهه اسين ڪنهن کي ٻه ٻڌائي نٿا سگهون. اسان جا وات منڊيل آهن. جيئن جوڳين وٽ ڪاريهر ۽ ڪلا ڏاري نانگ منڊيل هوندا آهن. “

”جنگجو آهي ڪي امن پسند؟ “

”چيم نه ته انهن ڳالهين جي اسان کي جاڻ ڪانهي. “ گوڪان، مينا آڏو نڪرائين باسڻ ۾ پاڻي رکندي چيو. پاڻي پي مينا جي دل کي آسيس اچي وئي. تڏو ساهه پري گوڪان کي چيائين:

”گوڪان راڻي، هرڪو پنهنجي قبر پريندو. ڪائي وات، شرمائن اڪيون. ملائڪ گواهه آهن ته آئون گپتن يا جاسوس نه آهيان. ڪنهن لب لالچ تي هتي جي ڳالهه هتي وجي ڪرڻ پاڻ کي ڪانه اچي. غيبت ۽ چغل خويءَ کان رب پاڪ امن ۾ رکيو اٿم. باقي هڪڙي ڳالهه، سا آئون چوان ٿي ته تون مون کي وڻين آهين. تنهنجو اهو پاڻيءَ جو ڪپو ۽ چار چانور مون کي قيام نه وسرندا. “ مينا جي ڳالهه تي گوڪان ڏائڻ کان ٿهڪ نڪري ويو. چيائين: ”نور چا

ڪائيندو؟ ۽ ٻيو. ڇا تون ڇا تنهنجو قوت! هي ڪارونجهر آهي، سدائين ساموندي ڇاڻ ۾ پيو وسندو آهي. اهو نه تنهنجو گڻ آهي جو هيڏا ميدان، ٻيلا، وڻڪاريون ڇڏي مون وٽ آئي آهين. ”

”مهرباني..... ڇگو هاڻ آئون هلنديس. خوش هجين شال. “ ائين چئي مينا گوڪان ڏانئڻ آڏو ٻوليون ٻوليندي اڏاڻي.

گوڪان عجب مان ڪيس آسمان ڏانهن اڏامندو ڏسندي رهي. غفا مان ڪتان سچ جو ڪرڻو گوڪان جي سرمي واري اک تي اچي پيو هو. گوڪان جي سرمي هاڻي اک، جنهن ۾ ماڪي نه هئي، اچي اچي هئي. گوڪان جي اک، آسمان ۾ ڪتل، سوچ ۾ ٻڌل اک.

# گوڪل ديو ۽ سنڌباد سيلاني

”هي، هم هي.... هي، هم هي.... هي، هم هو.... “

”هٽو پري ٿيو– ڪوٽوار جو قافلو گذرندو. “

”دڳ ڇڏي بيهو– ڪوٽوار جا اٺ ٿا اچن. هي هم هو..... “ گوڪل ديو جي مهري اٺن جي اڳيان پٽيل ۽ سندس جت جهنڊا ڪنيو، پيادا هوڪا ڏيندا ٿي هليا. پٽيل جي هٿ ۾ شاهي فرمان هو. اهي سڀ ماڻهو اٺن جون مهارون جهليو، اڳيان تڪا تڪا هلندا پئي هليا ۽ گوڪل ديو جي اٺن جا ڳاٽ هيٺ مٿي ٿيندا پئي ويا. گوڪل ديو جو اٺ جيڪو سيني ڪان پاري، پلو، تلهو ۽ متارو هو، سيني اٺن اڳيان گڙندو پئي هليو ۽ اٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ٽڪو ڏڙم ڏڙم وڄندو ٿي آيو. سيني اٺن جي سنڌ سنڌ تي گهنگهرو، ڇمڪا ۽ ٽلا ٻڌل هئا، جنهن سان هوا ۾ وڻندڙ آواز پئي پئدا ٿيا.

شهر جي ماڻهن به حيرت مان پئي گوڪل ديو جي الستي اٺن جي قافلي ۾ پئي نهاريو. هنن کي حيرت لڳندي هئي ته اهو اٺ انهيءَ پٻ جهڙي ڏنڊڻ گوڪل ديو کي ڪئي ڪيئن ٿو سگهي؟ نه ته جهڙي تهڙي اٺ تي گوڪل ديو ويهندو هو ته اٺ اتي نه سگهندو هو. پر هي اٺ ته گوڪل ديو کي جڻ اڏائي ڪٽي ويندو هو ۽ ماڻهو چوندا هئا ته جهڙا اٺ تهڙا لوڏا. پل پلان جو ڇيهه آهي ئي ڪونه. پر گوڪل ديو جي اٺن جو آواز لکن ۾ پڌرو. ڏنڊڻ گوڪل ديو کي ماڻهو پائيندا هئا، ڇو ته گوڪل ديو پهرئين جوڙ جو آڙي ڪاپ ملهه هو. ڪو ملهه ڪانئس ڇڙهندو ئي ڪين هو. جڏهن هو ملاکڙي جي ميدان ۾ سورهن وال سڻ جا ور ڪٽي سندرو ٻڌيو، ڏڍ ڪڍيو پيو هلندو هو ته ماڻهو ڪيس ڏسيو پيا نرندا ۽ خوش ٿيندا هئا.

هڪڙي پيري هڪ اترادي ملهه ڪيس سندرو ٻڌندي، لاف هڻين ۽ گوڪل کي چيائين ته اڄ مان توکي وارا پٽي اهڙي ملهه هٽندس جو ٻڌي ويندين. ماڻهو تربون هٽي ساهه وجهندءِ بس انهيءَ ڳالهه تي گوڪل ديو اچي آ ڦڙيو. سو ڪاوڙ ۾ اچي پيٽ کي اهڙو ته وٽي ڦوڪيائين جو تڙهه سان سندرو ٽٽي ويو! پوءِ ته هوڪرو مچي ويو. ماڻهن وٽي واهه واهه ڪئي. اهو اترادي ملهه ايترو ته ڏنو جو پاڻ کي ڪٽي گوڪل ديو جي پيرن ۾ اڇلايائين. انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪو ملهه گوڪل ديو سان وڙهن لاءِ ستجندو ئي ڪونه هو. انهيءَ ڪري ماڻهو اچ به گوڪل ديو کي ڏسيو، ڏاڍو خوش پئي ٿيا.

”گوڪل ديو جو خير...... “

”گهرجي به خير..... “

”گوڪل ديو جو خير هجي...... “

”خير ئي خير، بابا خير ئي خير..... “ ماڻهن کي ائين رستن ۾ سلام ڪندو ڏسي گوڪل ديو ڪجھ مُڙئي ڦوڪجي ويندو هو. ان ويل ماڻهو ڪيس ننڍڙا ننڍڙا گوڏي جيڏا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. گوڪل ديو ڏاڍي تانءِ مان، آڳرين سان شهپرن کي تاءُ ڏئي، اجان متي تاٽ ڪندو ويندو هو.

”هو، هي هم هي..... هي هم هي..... “ سندس جت هوڪا ڏيندا هلندا هئا.

گوديءَ تي وڏي اچ وچ لڳي پئي هئي. واپارين نيلام جون ہوليون پئي ڏنيون. ڪي وري اهڙا واپاري به هئا، جن سان گڏ زالون ۽ ننڍڙا ٻار به هئا. ڏاڍا خوش پئي گهميا. حملان هڪڙي ٻيڙي مان مال لاٿا پئي ته ٻين ٻيڙن ۾ چاڙهيائون پئي. پر گوڪل ديو جو انهن سان ڪوبہ واسطو نہ هو. گوڪل ديو انهن تي اک به ڪانہ ڇنڊي. هن جي نظر ۾ فقط سنڌباد جا ٺئي ٻيڙا هئا. اهڙا ڊينگ ٻيڙا جو اهڙا ڊينگ ٻيڙا اڳي هن ڪڏهن به ڪين ڏٺا هئا.

”ناڪوچا! پهرين تہ انهن جي ٻيڙن جي جهڙتي وٺبي. ڪهڙي خبر انهن ٻيڙن ۾ لشڪر ۽ هٿيار هجن ۽ رات جو اسان مٿان حملو ڪن. اها ڪهڙي ڳالھ آهي. ڪو ائين ڇڏيندوسانءِ ڇا؟..... واھ ميان واھ. ڳالھ آهي. “ گوڪل ديو ڳالهائيندو تي هليو. گوڪل ديو دلير هو. نوراني جبلن جو ڇائو پلي ڪهڙا بہ ڪٽڪ هجن. گوڪل ديو اڪيلي سر سندن جهڙتي وٺندو هو. پلي سامهون ڪير بہ هجي.

انهيءَ مهل باز پکي عمارتي ڪاٺ واري ٻيڙي جي اونچي ڇيخلي مٿان گوڪل ديو کي ڪواک ۾ ڪيو وينو هو. سنڌباد، جهونو ناڪئو ۽ سندس ڪجھ ساٿي ننگر پارڪر جو شهر گهمڻ لاءِ ڪاٺ جي وڏن ڦٽن مٿان هلندا، هيٺ گودي تي لٿا تہ سنڌباد جي هڪ ساٿيءَ پري کان گوڪل ديو کي ڏسي رڙ ڪئي: ”مار پويس، هيءَ تہ ڪا وڏي پپ آهي!“

”هئو، وڏي ڪا بلا آهي! انهيءَ ڪري ڇوندا اٿئي ڊنبڻ. “ جهوني ناڪئي بہ مشڪيو. هتان هي مڙس تہ هتان هو مڙس هلندا هڪ ٻئي کي سامهان اچي ٿيا.

”خبردار! جتي آهيو اتي بيهجي وڃو. شهر جو ڪوٽوار گوڪل ديو اوهان سان ڳالهائيندو. “ پٽيل اچي سنڌباد کي نياپو ڏنو. شاهي فرمان پٽيل جي هٿ ۾ هو. ايتري ۾ گوڪل ديو بہ دهلن دمامن سان مچ کي تاءُ ڏيندو هاتي جيان ڌم ڌم ڪندو، وڏي پيٽ سان هلندو آيو ۽ سنڌباد کي چيائين:

”ڪير مڙس آهين؟ ڪهڙي ملڪ جو واپاري؟“

”منهنجو نالو سنڌباد آهي، اسين واپاري نہ، سيلاني آهيون. “

”اوهين ڪير بہ آهيو، آئون ٻيڙن جي جهڙتي وٺندس. “ گوڪل ديو جيئن ئي ٻيڙن ڏانهن وڌيو تہ باز پکي اڏامندي اوچتو لوهي ٽوپ مٿان جهٽ هنيس. ٿوري دير لاءِ گوڪل ديو جا تہ هوش ئي اڏامي ويا. اڏامندڙ باز ۾ ڪاوڙ مان نهاريندي، شاهي ٽوپ سنڀاليندي چيائين:

”هي باز پکي اوهان جو آهي؟“

”هئو سائين، اهو باز اسان جو آهي.“

”هون... “ گوکل ديو کاوڙ مان اکيون ڦوڏاري مڇ کي آڱرين سان تاءُ ڏيندي مڇ کي چنبڪو ڏنو. ”جي مون کي رانيوٽولڳي وڃي ها يا منهنجو شاهي ٽوپ، جيڪا منهنجي پڳ آهي، ڪري پوي ها ته پوءِ؟“ گوکل جي انهيءَ ڳالهه تي سنڌباد هيٺاهين ونندي چيس: ”ائين ڪو ٿيندو ڇا سرڪار! هي جهنگلي نه پر پوڳائي پکي آهي. جيڪو ماڻهو هن کي وڻندو آهي، انهيءَ سان راند ڪندو آهي.“

”واهه جي راند ٿو ڪري. جي منهنجو شاهي ٽوپ لهي پوي ها ته آئون جيڪر اوهان جون اکيون ڪڍي ٻلين کي کارايان ها. هلو اڳيان ٿيو. آئون تلاشي ونندس. ڇا آهي ٻيڙين ۾....؟“

”سرڪار، ڳالهه ته ٻڌو. سنڌباد تکڙو پنيان وڌي چيس.

”ڪابه ڳالهه ڪانه ٻڌبي. پهرين جهڙتي ونبي، پوءِ ناڪو... “ گوکل ديو سنڌ باد جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪين هو. هو ڌم ڌم ڪندو ٻيڙي ۾ چڙهڻ لاءِ ڪاٺ جي ڦٽن تان جيئن ئي مٿي وڌيو ته ڪيهر شينهن جي ٻچن جي جوڙي، ٻيڙي مان مٿانهس رومڙ ڪئي. انهيءَ اوچتي حملي تي گوکل ديو جا ڪاٺ جي ڦٽي تان پير اکڙي ويا ۽ هو ڌو وڃي سمونڊ ۾ ڪريو. ڌڙام.... هيٺ تري ۾ هليو ويو. سنڌباد ڏٺو ته مڙس ٿو ماڳهين ٻڏي. سو هڪدم ساٿين کي هوشيار ڪري، سمونڊ ۾ مڇي جيان ڪٽي ٽپ ڏنائين ۽ ٻڏندڙ گوکل پنيان ٽٻيءَ ۾ ترندو تري تائين هليو ويو. گوکل ديوجي پنيان سندري ۾ هٿ وجهي، پوري طاقت سان پربت جهڙي گوکل ديو کي مٿي ڇڪيندو آيو. گوکل ديو پاڻ به ڪجهه مڙسي ڪئي. الاهي دير کان پوءِ سنڌباد ۽ گوکل ديو پاڻيءَ مان سسيون ڪڍيون. سنڌباد جي ساٿين پاڻي ۾ ڪٽي رسا اڇلايا، جيڪي سنڌباد گوکل ديوجي چيلهه ۾ ٻڌا. پوءِ ته سنڌباد جا ساٿي زورلڳائي گوکل ديو کي مٿي ڇڪڻ لڳا. وڏن زورن سان مڙس کي ڇڪي ڪٽي مٿي ٻيڙي جي آڳي تي ليٽايائون. گوتا اڇڻ ڪري گوکل ديو ڪجهه مڙئي ساڻوتي پيو هو. شينهن جا خوفناڪ ٻچا ڏسي، پٽيل ۽ گوکل ديوجا ٻيا ساٿي مٿي جهاز ۾ چڙهيا ئي ڪونه هئا. شينهن جا ٻئي ٻچا گوکل ديو جو ٻوٿ چٽي رهيا هئا. هوش ۾ ايندي ئي گوکل ديو ترار سنيالي هڪل ڪئي:

”پري ٿيو ٻليءَ جا ٻچا...... “ شينهن جي جوڙي ڇرڪ پري هٽي وئي. شينهن چٽي چٽي گوکل ديوجي مڇ ئي لسي ڪري ڇڏي هئي.

”پري ٿيو ٻليءَ جا ٻچا. “ ايتري جٽ ٿيڻ کان پوءِ به گوکل ديوجي گجگوڙ لڳي پئي هئي. تلوار سڌي ڪري، پسيل ٻت کي چنبڪو ڏئي اٿي کڙو تي ببهي رهيو هو ۽ هن ٻيڙن جي تلاشي ونندي، سنڌباد کي چيو:

”ڏسو منهنجا بابا! اسان جو اوهان سان ڪو جهيڙو جهٽو ڪينهي. باقي گودي جو ناڪو اوهان کي ڏيڻو پوندو. تنهي ٻيڙن جو ناڪو ڪل ملائي پنج سؤ تولا سون ٿيندو..... “

”پنج سؤ تولا سون......! “ سنڌباد جي وات مان دانهن نڪري وئي.

”ها – پنج سؤ تولا سون. جيستائين اوهين اها رقم جمع نہ ڪرائيندا، اوستائين اسين اوهان کي هتان وڃڻ نہ ڏينداسين. “

”جي اسين رقم نہ ڏينداسون تہ پوءِ......؟“ سنڌباد جي ساٿي هي آواز تي گوڪل ڪڙڪ تي وراڻيو:

”رقم تہ اوهان جا وڏا بہ ڏيندا. “

”پر اسين تہ سيلاني آهيون، ايڏي وڏي رقم اسان وٽ آئي ڪٿان؟“

”سرڪار، چيوسون تہ اسين واپاري ناهيون. “ جهوني ناڪئي بہ لاچار ڳالهايو.

”آئون ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهان. راڻي هوٽل پري جو ناڪو آهي، سو اوهان کي پرڻو آهي.... هش..... پري تي ٻلي جا ٻچا........ “ گوڪل ديو ڳالهايو بہ پئي ۽ تلوار سان شينهن جي ٻچن کي پاڻ ڪان پري پئي ڪيو.

”پر ايڏو ناڻو اسين آڻينداسون ڪٿان جو پري ڏينداسون؟“ جهوني ناڪئي جي ڳالهہ تي گوڪل ديو مڙيوئي ڪجهہ ٿڌو ٿيو ۽ سوچيندي چيائين:

”يار، اوهين مڙس آهيو ڀلا. آئون اوهان کي هوٽل راڻي ڏانهن وٺيو ٿو هلان. اها جي اوهان کي ناڪو معاف ڪري تہ پوءِ ڪو ڦڏو آهي ئي ڪونہ..... “

”پري ٿيو ٻلي جا ٻچا...... هش پري پري....... “ گوڪل شينهن جي ٻچن کي هڪلون ڏيو، پاڻ ڪان پري پئي ڪيو.

”ٺيڪ آهي، اسين هوٽل پري وٽ هلڻ لاءِ تيار آهيون. “ سنڌباد چيو.

”تہ پوءِ منهنجي پٺيان اچو..... “ ائين چئي گوڪل ديو ساڄئي ڏکي سان ٻانهون سيٽيو، تلوار لوڏيندو، جهاز مٿان ڪاٺ جي ڦٽي تان هيٺ لهڻ لڳو. سنڌباد ۽ سندس ساٿي گوڪل ديو پٺيان هلندا، هوٽل پريءَ جي شاهي محل ڏانهن وڃڻ لڳا.

# گوڪان ڏائڻ ۽ پيئڻ بلا

هوتل پري جادوئي آرسي ۾ گوڪل ديو جي اٽن جي ايندڙ قطار ڏسي خوشيءَ کان ٻهڪي پئي هئي. هڪڙي مهري اٽ تي ڪجاوي مٿان اهو نوجوان واپاري وينل هو, جنهن جو انتظار هوءَ ڄڻ صدين کان ڪري رهي هئي. هاڻ اهو راڄاڻ سندس شاهي محل ۾ اچي رهيو هو.

ٻانهين شاهي محل کي سينگارڻ ۾ دنگ ڪري ڇڏيا. محل جا پڙدا ئي مٽجي ويا. نوان پلنگ ۽ پٿراڻيون وڇائجي ويا. محل جو ڏيکاءُ ئي اور ٿي پيو. سڄي محل کي لوبان ۽ اگر جو ڌوپ ڏنو ويو ۽ ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ سان ڄڻ سڄو شهر واسجي ويو. هوتل پريءَ جي ڄڻ من جي مراد پوري ٿيڻ واري هئي. هوءَ جادوئي آرسيءَ اڳيان هئي, پوءِ پنهنجي جواهرن جڙيل تخت تي اچي ويٺي. سندس حاضريءَ ۾ بيٺل گوڪان ڏائڻ ٻه سندس پنيان سڌريل پالتو ڪتي جيان ڊگهو ڊگهو ڪارو ڪتو جهوليندي, سندس پنيان اچي بيٺي هئي.

”گوڪان – مون کي ڪتڪن ڪٽي ڏنو آهي. اهو واپاري ڪو عام ماڻهو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. سڄو ڏينهن جادو جي لپاڙ پئي لڳندي اٿئي, ٻڌاءِ ته هاڻ انهيءَ حسناڪ نوجوان کي آئون ڪيئن پنهنجو ڪنديس؟ ڪيئن سندس دل ۾ پنهنجي لاءِ جڳهه پيدا ڪنديس؟ ٻڌاءِ نه ته ڪهڙو ڪامڻ ڪنديس, جو هو سدا لاءِ مون وٽ ترسي پوي ۽ مون سان شادي ڪري؟“ هوتل پري پنهنجي دل ۾ دهڪو محسوس ڪري رهي هئي.

اها سڄي ڳالهه هن گوڪان ڏائڻ کي هڪ ساهيءَ سان چئي هئي. هوتل پريءَ جي ڳالهه تي گوڪان ڏائڻ ڪنڌا ڏند ڪڍي کلڻ لڳي هئي. سندس سرمي واري ڪاري اک وڏي ٿي چمڪي پئي هئي. گوڪان ڏائڻ آڱرين سان چپٽي وڄائيندي چيو:

”هيئن سائڻ, اڃهو هيئن. اهو ته منهنجي چپٽي جو ڪيل آهي, ڪاٻي هٿ جو ڪيل. هي تر آهي, پيئڻ بلا جو گهر آهي. پيئڻ بلائون جي هڪ پيرو ڪنهن ماڻهو جو ساهه پي وڃن ته يا عمر اهو ماڻهو موت جي ڪتولي تان اٿي نه سگهندو. انهيءَ ماڻهو جو موت آهي سائڻ...... موت ........“

”آئي نيائي ندوري, تيرهن تالي ڏائڻ, اها ڪهڙي بڪ لاتي اٿئي. ههڙي سياڳي ڏينهن ٻه توکي موت ياد آهي.“

”ها سائڻ! ڏائڻ جا ٽيس. موت ته برحق آهي. زندگيءَ ۾ ماڻهو کي موت کان سواءِ ٻيو ملڻو ئي ڇا آهي.“

”ڪار زباني, وات بند ڪر! نه ته زبان ڏنيپيندي سانءِ. خوشين جون کي خبرون ٻڌاءِ. ٻڌاءِ ته ڪهڙو ڪامڻ ڪريان جو هي واپاري مون وٽ گهر ڪري ويهي رهي. منهنجو ساٿس وهانءُ ٿي وڃي ۽ سدائين ساٿس ڇوياريون هجن.“

”تون چٽي آهين سائڻ. هي گوکان ڏائڻ باقي کهڙي مرض جو علاج آهي؟ مان جيڪا نيري پيئڻ پلا پاليندي تي اچان، اها ڪڏهن ته ڪاٺو پيتو ملهائيندي. ڏاڍي پيار مان تاتيو اٿمانس. گوکل ديو کي ئي ڏس، جواڻ جماڻ ڏٺو مٺو کيئن مون پيرا پوڙهيءَ جي کوڙکي ۾ قابو آهي. اٽس کوامان ابو ياد ۽ هن شهر جي راجا جو ڇا حال ٿيو؟ جنهن جي جاءِ تي تون اڄ پئي حڪم هلائين. ٻڌاءِ، ڪٿي آهي اڄ اهو راڄ ڏٽي؟ پٽن ۾ پيو پٽڪي. ٻيو ته ٺهيو، پنهنجو نالو ئي ياد ڪينهينس. ڪهڙا ڪهڙا ڪامڻ ويهي ياد ڏياريانءِ؟“ اهو چئي گوکان ڏائڻ وري پنهنجي شيطاني ڪل ۾ لڙهي وئي. سڄو محل سندس پوائٽن ٽهڪن سان گونجي ويو.

”گوکان – مڪريلي ڪلاپڻ! تون پنهنجي ڳالهين کي وڌاءُ ڏئي رهي آهين. ننگر پارڪر جو راجا ته پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪري چريو ٿي ويو. هن پاراشر رشيءَ جهڙي پيلاري اوتار سان ويروڌ ۽ ان جو ڪتاب نگد[1] ساڙائي ڇڏيو ۽ اها ئي ڳالهه هن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻي. ماڻهن پٽر ۽ ڏنڊا هٽي راجا جو مٿو ڦاڙي وڌو ۽ هو پاڳل ٿي ويو. ڏائڻ گوکان! ياد رک، پنهنجي گهٽي واڪاڻ ڪندڙ ماٺهو توڪارجي ويندو آهي.“

”سائڻ، آئون ڪٿي تي پاڻ واڪاٽيان. بس مون ته اهو پئي چيو ته هي ڪم ذات گوکان سدا لاءِ جي اِهو واپاري تنهنجو ڪري ڏئي ته پوءِ؟“

”ته پوءِ منهنجي هيءَ سنڌ آهي ته آئون توکي آزاد ڪري ڇڏيندس.“

”ته پوءِ هن گوکان ڏائڻ جو وچن آهي ته رات جو مان اهڙو ڪامڻ ڪنديس، جو جڏهن اهو واپاري سجاڳ ٿيندو ته هو اڳيون پويون سڀ يادون وساري چڪو هوندو. هو تنهنجي پاچولي جيان تنهنجي پٺيان پٺيان هلندو.“

شاهي محل جون ٻانهيون مهمانن جي سوارين اچڻ جا گهنڊ وڄائڻ لڳيون. گهنڊن جي مڌر آوازن تي هوتل پريءَ جي دل ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. هن هڪدم گوکان ڏائڻ کي حڪم ڏنو:

”گوکان، هاڻ تون پلي وڃي پنهنجو ڪم ڪر. آئون پنهنجي مهمانن جي خذمت پاڻ ڪنديس.

”اوهان جو حڪم اکين تي سائڻ.... اوهان جو حڪم اکين تي.“ ڏائڻ گوکان هوتل پري آڏو الاهي پيرا ڳات جهڪايو ۽ ڪنڌ لوڏيندي، گڏڪ گڏڪ ڪندي، هلندي ڪاروڙ لڙڪندڙ ڪٿو گهريندي، محل مان نڪري غفائن ڏانهن وڃڻ لڳي هئي. سندس ٽهڪن جا شيطاني آواز غفائن ۾ گونجندا ٿي ويا.

۽ ٻاهر، شاهي محل جي وڏي آڳنڌ ۾ گوکل ديو جي اٺن اچي کوپا کوڙيا هئا. هاٿي جهڙو گوکل ديو ڏاڍو سرهو هو، ڄڻ کيپ ڪٿي موٽيو هو.

# مهمان ۽ ڪٺ پتلين جو ناچ

سنڌباد ۽ سندس ساٿي شاهي محل آڏو اچي حيران ٿي ويا هئا. اهڙو حيرت زده محل هنن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪين ڏٺو هو. اوچتو سنڌباد جي نظر متي مهل جي هڪ مناري تي پئجي وئي. ڏٺائين ته مناري جي چوٽيءَ تي مينا سندس باز جي ڪن ۾ الائي ڇا پئي چيو.

گوڪل ديو جي پنيان سنڌباد ۽ سندس ساٿين جي ايندي ئي محل جا انگاس دروازا پاڻهي چيڪٽ ڪندا کلندا ٿي ويا ۽ اندريان ريشمي پڙدا بہ پاڻهي سرڪندا ٿي ويا. شاهي محل ۾ هر طرف ٻانهن ۽ ٻانهين ادب سان سندس شان ۾ ڳاٽ نوايو پئي پليڪارون ڏنيون.

”سنڌباد. مون کي تہ ڊپ پيو لڳي. آئون ڊڄان پيو. پڪ ئي پڪ هي جادوئي محل آهي.“ جهوني ناکئي پٽڪو ڪيو. گوڪل ديو پاري قدم سان محل ۾ هاٿيءَ جيان ڌم ڌم ڪندو هلي رهيو هو. الاهين وڏا ڪمرا گذرڻ کان پوءِ کين هوٽل پريءَ جو سونو تخت نظر آيو. هوٽل پري پنهنجي شاهي تخت تي وڏي شان سان ويٺل هئي. گوڪل ديو هوٽل پريءَ جي آڏو اچي وڏا ڪورنش ڪيا، پر پيٽ تمام وڏو هئڻ جي ڪري هن جو رڳو ڳاٽو هيٺ ٿي جهڪيو.

”اي هوٽل راڻي، ننگر پارڪر جي مالڪياڻي! هي آهن اهي آپ – زورا ماڻهو، جي گودي جو ناڪو ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن.“

”ٺيڪ آهي، هاڻ تون پلي چوٽي ڪر.“ گوڪل ديو وري ادب مان ڳاٽ جهڪايو ۽ وڏي لاڦ ۽ ٺيش مان سنڌباد ۽ سندس ساٿين ڏانهن ڪرڙيون اکيون ڪري ڏٺائين ۽ محل مان ائين موٽڻ لڳو، ڄڻ وڏي جنگ کٽي آيو هجي.

هاڻ هوٽل پري، سنڌباد ۽ سندس ساٿين ڏانهن واري واري سان نهاريو ۽ اکين ۾ ڏاڍا الماس پيري سنڌباد کي چيائين:

”ڪهڙيءَ ولات جا واپاري آهيو اوهين؟“

”اسين واپاري نہ، سيلاني آهيون. سمونڊ جي شيل تي نڪتا آهيون.“

”تو منهنجي ڳالهہ جو صحيح جواب نہ ڏنو آهي. مون توکان ولات جو پڇيو آهي.“

”اسين سنڌ ملڪ جا ماڻهو آهيون. سمونڊ جي شيل تي نڪتا آهيون.“

”پر سيلاني ته ايڏا وڏا بار ڪٽي ڪين هلندا آهن! اوهان جو هڪ ٻيڙو ته سڄو اناج سان ڀريل آهي ۽ ٻئي ٻيڙي ۾ ايترو ته عمارتي ڪاٺ آهي جو ايترو مون سڄي ڄمار ۾ نه ڏٺو آهي. پوءِ اوهين ڪيئن ٿا چئو ته اوهين واپاري نه آهيو؟“ هوٽل پريءَ جي ان ڳالهه تي سنڌباد سڄي ڳالهه سمجهي ويو. سو چيائينس:

”راڻي هوٽل پري، اوهان جو گمان به ڪنهن قدر صحيح آهي. حقيقت ۾ اهو اناج ۽ عمارتي ڪاٺ وڪري لاءِ نه آهن. اهو اناج ٻين ملڪن ڏانهن اسين جنس طور ڪٽي وڃي رهيا آهيون. ٻين حڪومتن لاءِ سوکڙي طور.“

”۽ هي هيڏو سارو عمارتي ڪاٺ! اهو ڪهڙي ملڪ لاءِ تحفي طور ڪٽي وڃي رهيا آهيو؟“

”اهو عمارتي ڪاٺ ڪنهن راجا يا ملڪ لاءِ نه آهي. اهو ڪاٺ سنڌ جي مهاراجا مهيرامڻ پاران نوح نبيءَ جو تحفو آهي.“

”هاڻ سمجهيس! پر نوح نبي ته پاڻ وڏو اوتار آهي. انهيءَ جا ڪم ته قدرت وارو پاڻ سولا ڪندو آهي. ان کي ٻئي جي مدد جي ڪهڙي ضرورت؟“

”اوهين سچ ٿا چئو. پر دلي محبت – حب اڪير ۽ ويساهه جي به ته ڪا حقيقت آهي. مهاراجا مهيرامڻ جي دل جيئن چوندي آهي، تيئن ڪندو آهي. نوح نبيءَ ۾ سندس ويساهه آهي ۽ هو نوح نبيءَ جو پر پٺ جو يار آهي.“

”لاشڪ مهاراجا مهيرامڻ پاڻ به هڪ پاڪ روح، نماڻو ۽ سچيت راجا آهي. شال سندس من جون مرادون پوريون ٿين. الائي انهيءَ طوفان مان ڪير ڇڙهي ڪير ٻڏي؟ منهنجي ماڻهن، توڙي مون اوهان کي نه سڃاتو ۽ اوهان کي تڪليف ڏني، انهيءَ لاءِ آئون سخت لڄيندي آهيان ۽ انهيءَ ڳالهه جي آئون معافي ٿي گهران. اوهين جيترا ڏينهن ننگر پارڪر ۾ رهندا، منهنجا مهمان هوندا ۽ ماني مون سان گڏ کائيندا.“ هوٽل پريءَ جي ڳالهه تي وڏي ناڪئي ادب سان چيو:

”اي مهربان راڻي! اسان جو پنڌ ڏاڍو پرانهون آهي. اسين هتي فقط هڪڙي رات ٽڪي سگهنداسين. ننگر پارڪر ۾ اسان جو مقصد فقط پاراشر رشيءَ کان آشيرواد وٺڻ آهي. اسان کي اميد آهي ته اوهين اسان جي جلدائيءَ کي نظر ۾ رکي، اسان کي هتي وڌيڪ ترسائڻ جو اسرار نه ڪندا.“

ناڪئي جي ڳالهه تي هوٽل پريءَ جي دل ئي جڻ سسي وئي.

”ٺيڪ آهي، جيڪا اوهان جي صلاح، پر اڄ رات اوهين منهنجا مهمان هوندا. منهنجي ڪامڪور ٻانهي پدمڻي پنهنجي ڪامڻ سان ڪارڇن تي اوهان کي ڪٺ پتلين جو ناچ ڏيکاريندي. اميد ته اوهين منهنجي انهيءَ سهڻي صلاح کي نه موٽائيندا.“

”ٺيڪ آهي، اوهان جي دل رکڻ لاءِ اسين رات رهي ٿا پئون. ڪٺ – پتلين جو ناچ ڏسي اسان کي خوشي ٿيندي. صبح جو سويري اسين پاراشر رشيءَ کان آشيرواد وٺي هتان هليا ويندا سين.“

هوٽل پريءَ کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته من اندر جي ڳالهه ڪنهن سان ڪري. ڪيئن ڪري؟ صبح جو سنڌباد جي هليو وڃڻ جي تصور ڪان سندس جيءَ جهري رهيو هو. پر پوءِ به هن اها ڳالهه ڪنهن کي محسوس ڪرڻ ڪان نه ڏني. هوءَ خوشيءَ سان مهمانن جي خاطري ڪندي رهي. چلهه ۾ وڃي، پهرين سپ ڪاڏا پاڻ تي چکي ڏنائين ۽ پوءِ تي مهمانن آڏو رکيائين.

رات جو ساز سرود ۽ راڳ جي وڏي محفل متي. وڏا وڏا گويا ۽ گائڪائون[1] پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لڳا. راڳ جي آشيرواد ڪان پهرين ڪامٽڪور پدمٽي پنڊال[2] تي آئي. هوءَ ڪاري هئي ۽ نڪ منو هيس ۽ هن هٿ ٻڌي سيني اڳيان سيس نوائي، ڪورنش ڪيا ۽ چيائين:

”لاکيٽا مهمانو، هاڻ آئون اوهان کي پنهنجي جادوئي ڪٺ – پتلين جو ناچ ڏيکاريان ٿي. اوهان جون اکيون دوکو کائي وينديون ته اهي هڏ ماهه جون ساهه ڪٽندڙ نچٽيون آهن، جيئريون جاڳنديون آهن. پر حقيقت ۾ اهي ڪٺ – پتليون آهن. ڪاٺ جون.“ ايترو چئي اها ناٽڪڻ پدمٽي ڪورنش ڪندي، پنڊال جي روشنين ۾ گم ٿي وئي.

سارنگين ۽ چنگ چڙن جي مڌر آوازن تي پنڊال جي چٽ مان جڻ اڏامندڙ چوڙيليون اپسرائون[3] لهي پنڊال تي ناچ ڪرڻ لڳيون. جهمريون پائي ڪڏهن ڪڏهن هو سپ گڏجي هڪ وڏي مور جي شڪل اختيار ڪري ٿي ويون. سنڌباد کي حيرت ۾ ڏسي، هوٽل پري ٽڙي ٽي پئي.

”ههڙو عجب ناٽڪ ته مون ڪڏهن ڪونه ڏٺو!“ جهوني ناڪئي حيرت مان چيو.

”هي ته ساهه پيون ڪٺن.“ سنڌباد جي ٻئي ساٿيءَ چيو.

”ههڙيون سهڻيون اکيون ته پرين جون به نه هونديون!“

”ڇا هي سپ جادو آهي يا حقيقت.....؟“ سنڌباد ڪان به رهيو نه ٿيو. هن پر ۾ سوني تخت تي ويٺل هوٽل پريءَ ڪان پڇيو.

”نه، هي سپ انهيءَ ڪامني پدمٽيءَ جي هٿ جو ڪسات آهي. وٽي پيو نه توکي اهو ڪٺ – پتلين جو ناچ...؟“

”ها، ائين ته رڳو خواب ۾ ڏسبو آهي. جي اهو سپ هٿ جو ڪسات ۽ ڪارچي جو ڪمال آهي ته پوءِ دنيا ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل ٿي پوندو.“

”ها، منهنجي اِها ڪارڙي ڪوجهڙي پدمٽي پنهنجي فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.“ هوٽل پريءَ ۽ سنڌباد اڃان پاڻ ۾ ڳالهايو پئي ته اڱواڻ ڪٺ – پتلي سرڻ جيان اڏامندي آئي ۽ گلن جو هار سنڌباد جي ڳچيءَ ۾ وجهي، وري پنڊال ڏانهن هلي وئي ۽ ساٿي ڪٺ پتلين سان گول دائرا پائي نچڻ لڳي. پوءِ سپ ڪٺ – پتليون گول ڦيرا پائينديي، اوچتو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويون ۽ پنڊال تي هڪ وڏو سورج مکيءَ جو گل ٿهي ويو. واهه واهه ٿي وئي.

سنڌباد ۽ سندس ساٿين کي اکين تي جڻ اعتبار ئي نہ پئي آيو. پوءِ جيئن ئي پنڊال جون روشنيون جهڪيون ٿيون تہ سنڌباد ۽ سندس ساٿين ڏٺو تہ انهن ڪٺ پتلين کي ڳچي، هٿن، ٻانهن ۾ پٽ جا سنهڙا ڌاڳا ٻڌل هئا جي گهٽي رنگا رنگ روشنيءَ پوڻ ڪري ڏسڻ ۾ نہ پئي آيا ۽ هاڻ ڪٺ – پتليون پڌريون ٿي پيون تہ اهي ڪاٺ جون بي جان مورتيون هيون، جن جي ڌاڳن جا سرا متي چت ڏانهن هئا. جن کي ڪامٽڪور پدمٽي متي چڪي رهي هئي ۽ اک ڇنڀ ۾ سڀ ڪٺ – پتليون متي ڇڪجي ويون ۽ پنڊال خالي ٿي ويو. ڪٺ – پتلين جو اهو ناچ اهڙو تہ حيران ڪندڙ هو جو ڪن لاءِ سنڌباد جي جڻ وائي ئي بند ٿي وئي هئي. اها سڄي هٿ جي ڪاريگري هئي، انهيءَ ڪارڙي ڪوجهي پدمٽي جي.

# هوٽل پريءَ جي ڪچهري

سنڌباد ۽ سندس ساٿين آڏو طرحين طرحين جا ڪاڏا ۽ شربت رکيا ويا. ڪاڏو ڪائڻ ويل هوٽل پري سنڌباد جي بلڪل سامهون ويٺي هئي. ڪاڏو ڪائيندي، پاڻ ۾ ڪچهري به پئي ڪيائون. سنڌباد ڪا ڳالهه سوچيندي چيو:

”آئون اوهان جي انهيءَ پدمڻي ٻانهيءَ جي حرفت تي حيران آهيان. هونئن ڪيڏي نه سادڙي ٿي لڳي؟ اعتبار نٿو اچي ته اهو سمورو ناٽڪ انهيءَ ڪارڙي ڪوجهڙي ٻانهين جو هنر ۽ حرفت آهي......! “ تڏهن هوٽل پريءَ چيس:

”سنڌباد! سهڻا توهه ته پٽن ۾ به پيا آهن. انهن مان گدري جو سواد ٿوروئي ملندو. سچي سونهن ته ماڻهو جي اندر ۾ هوندي آهي. قدرت ڪنهن کي به سونهن کان نه سڪايو آهي. قدرت انهن ٻانهين کي اڇيري چمڙي بدران رنگا رنگ ذهن ڏئي ڇڏيو آهي، جيڪو پيو پاڻ پسائي ۽ نظارا ڏيکاري. “ تڏا شربت پيئندي سيني جي اکين تي جڻ کيپ چڙهندا ٿي ويا.

”تنهنجي وات ۾ گلاب! هوٽل راڻي جو اهڙي سچي ۽ سهڻي ڳالهه ڪئي اٿئي. وڏا ڀاڳ اسان جا جو گوڪل ديو جهڙو ڳوپ اسان کي هتي وٺي آيو ۽ هتي اچي اهڙا عقل جا گفتا ٻڌاسين. “ جهوني ناڪئي چيو.

”ڏاڏا سائين، تنهنجو نانءُ ڇاهي؟ سمجهان پئي ته اوهان وڏا جهان ڏٺا هوندا. “

”اڊو. “ جهوني ناڪئي کير جي وٽي مان ڍڪ ڀريندي، اونهون ساهه ڀريو. ”آئون سون مياڻيءَ جو مهاڻو آهيان. ڪلاچ واري سون مياڻي. “

”کهڙا کهڙا سمونڊ ڏٺئي.....؟“

”ماڻهو ويچارو ڇا ڏسي ڇا ڏسندو. جوڳيءَ وارو قيرو. سڄو سنڌ ساگر، پونءَ وچ سمونڊ، ڳاڙهو، اوڪاري سمونڊ تائين. دنيا ۾ اجا الائي ڪيترا ڪنڊ ۽ اپ – ڪنڊ آهن، جن جي اسان کي اڃان ڪل ڪانهي. “

”اڊا سائين! “ هوٽل پري ڳالهائيندي، ڪنهن سوچ ۾ پئجي وئي هئي.

”سائين، مون پئي چيو ته اهڙو ڪو ڪنڊ جتي پهچڻ کان پوءِ تو محسوس ڪيو هجي ته تنهنجي زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي ويو هجي؟ جتي پهچي تو هر پل کي قيمتي محسوس ڪيو هجي؟ جتي جي سونهن تنهنجي ذهن تي پڪا چٽ ڇڏيا هجن؟“

”هائو.... “ جهوني ناڪئي اڊي پٽڪي واري ڪنڌ کي ڌوڻي هائوڪار ڪئي. جهونو ناڪئو هوٽل پريءَ جي اهڙي سوال تي پاڻ به سوچ ۾ پئجي ويو هو.

”سنڌ جهڙي سونهن ڪٿي! پر اهو پوڻ وچ سمونڊ ئي هو. هڪ سيلاني سان گڏ اتي آئون الائي ڪيئن وڃي نڪتو هئس، پر آئون ان جي باري ۾ ڪجهه به ڪونه ٻڌائيندس. ڳالهيون پيٽ ورن ۾ ئي دفن سٺيون آهن.“ جهونو ناڪئو چپ ٿي ويو هو.

”ادا سائين. آئون اجا هڪڙي ڳالهه پڇڻ جي حجت ڪنديس.“

”پلي پڇ....“

”جنهن کي اسين سونهن چئون ٿا، سا آهي ڇا؟ ڇا ۾ آهي سونهن....؟“

”سونهن مون ۾ ۽ تو ۾ آهي سائنڻ! جي اسان جو اندر اجرو آهي ته سونهن ئي سونهن آهي. پر جي اسان جو اندر ڪارو آهي ته پوءِ سونهن آهي ئي ڪانه. پوءِ بدامني ۽ بدصورتي آهي.“

”ڳالهه کي پيچي ڇڏيئي ادا سائين.“ جهوني ناڪئي ادي جي ڳالهين سان هوتل پريءَ جو جڻ روح ئي ٽڙي پيو هو. هوءَ مرڪي ته ڏند چمڪڻ لڳس، جهڙا ڪر موتي ٻري پيا.

”پلا عورتون وڌيڪ سهڻيون ٿينديون آهن يا پريون؟“

”اها عورت هئي يا پري؟ پر مون هن کي عورت جي روپ ۾ ڏٺو هو!“

سنڌباد ٻنهي ۾ پئي ڏٺو. هو حيران هو. هوتل پريءَ کي پر ڪين هئا، پر پوءِ به هوءَ پري پئي لڳي. نه ته سندس عاج جي سون ۽ هيرن جڙيل ٻانهين به عام راڻين جهڙي پئي لڳي.

”تون مون کي ڏاڍي وڻي آهين. اهڙي سهڻي مهماني لاءِ مهرباني. اها رات آئون پنهنجي جمار ۾ ڪڏهن به وساري نه سگهندس. ڪاش اسين ترسي سگهون ها! سمونڊ جي هر ڇوليءَ جو شپڪو نوان پيغام پيو ڏئي. منهنجو وڃن آهي ته ڪٿي به هوندس، زندگيءَ ۾ هڪڙو ڀيرو تو وٽ موٽي ايندس.“ ڪن لاءِ درين مان ايندڙ سمونڊ جي ڇولين جي آواز تي سڀ چپ ٿي، سمونڊ جو آواز ٻڌڻ لڳا. چنڊ جي چوڏهين جي سمونڊ جا آواز.

”صبح جو پرهه ويل، اسان کي پاراشر رشيءَ جي استان تي پهچايو ويندو. اوهين هاڻ پلي ٻي الڪا ٿي سمهي رهو.“ ائين چئي هوتل پريءَ عاج جي ٻانهين واري هٿ جي اشاري سان نوڙت ڪندي، ڪانئن موڪلائي محل جي انهيءَ ڪمري مان نڪري وئي.

# گوڪان ڏائڻ جو جادو

انهيءَ رات، جڏهن سنڌباد سيلاني ۽ سندس ساٿي هوٽل پريءَ جي محل ۾ مٺي ننڊ ستا هئا ۽ عجيب عجيب خواب پئي ڏٺائون ۽ سندن سپنن ۾ جادوئي ڪٺ – پتليون پئي نچيون ته ان ويل گوڪان ڏائڻ جاڳي پئي. گوڪان ڏائڻ جي جڻ ننڊ ڦٽي وئي هئي، ڇو ته گوڪان ڏائڻ هوٽل پريءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙو جادو ٿي پڙهڻ چاهيو، جو سنڌباد کي سچي ڄمار جي يادگيري وسري وڃي ۽ هو سدا لاءِ هوٽل پريءَ جي حڪم ۾ ٻڌجي وڃي. انهيءَ ڪري گوڪان ڏائڻ ڏاڍي خوش هئي. سندس ماٽڪيءَ ڪان خالي، اڇي اڇي ڪاٺيءَ اک ۾ مڪر ۽ فريب ڀريل هو. سنڌباد سيلانيءَ کي گهريءَ ننڊ ۾ الوپ ڏسي، هوءَ محل جي پراسرار ته خانن جي سرنگهن مان ڪارو ڪتو جهوليندي، خوفناڪ ٽهڪ ڏيندي، پاڻمرادو ڳالهائيندي، پنهنجي جادوئي غار ڏانهن هلندي ٿي وئي. هي هي هي ...... انتر منتر ڪال ڪلنتر. هي هي هي ...... رڪي رڪي غفائن ۾ سندس خوفناڪ ۽ پراسرار ٽهڪن جو پڙادو پئدا ٿي ويو ٿي.

انهيءَ ويل ڏندڻ گوڪل ديو سنڌليءَ تي پلاءُ جي گرم گرم ديڳ مٿان وينو پلاءُ به کائي رهيو هو ۽ ننڊ جا جهوٽا به کائي رهيو هو. اوچتو گوڪان ڏائڻ جي شيطاني ٽهڪن جي آواز تي هو ننڊ جي جهوٽي مان جاڳي، ٽڪڙو ٽڪڙو هڙپ ڪري پلاءُ کائڻ لڳو هو ۽ پلاءُ جي ديڳ مان وڏا وڏا گوشت جا ٻوٽ ڪڍي، چڪن سان چني، گوشت ويو ٿي ڳڙڪائيندو. ڏسڻ ۾ ته گوڪل ديو پلاءُ کائي رهيو هو، پر سندس سڄو ڌيان گوڪان ڏائڻ ڏانهن هو، ڇو ته گوڪان ڏائڻ جڏهن به ائين ٽهڪ ڏيندي هئي ته گوڪل ديو کي خبر پئجي ويندي هئي ته گوڪان ڏائڻ اڄ ڪو وڏو خوفناڪ، ڪڌو ڪم ڪرڻ واري آهي. جڏهن گوڪان ڏائڻ ٽهڪ ڏيندي، سرنگهن مان هلندي، گوڪل ديو جي غفا ۾ پهتي ته ڪيس ڏسي گوڪل ديو جي وات مان به ٽهڪ نڪري ويو. گوڪل ديو جي ان طرح ٽهڪ ڏيڻ تي گوڪان ڏائڻ کي شڪ پيو، سو ڪاوڙ مان هڪل ڪري چيائينس:

”ڇو ڙي مئا ڏئوت! تون ڇو پيو کلين؟“ گوڪان ڏائڻ جي ڪاوڙ تي گوڪل ديو هيسجي ويو ۽ وڏو وڏو گراهه ڳوريندي، دل جهلي وراڻيائين:

”گوڪان! آئون سمجهندو هوس ته توکي موت ايندوئي ڪونه. پر هاڻ ائون محسوس پيو ڪريان ته تنهنجو موت، تنهنجي مٿان اچي بيٺو آهي. دنيا ۾ تون ڪجهه ڏينهن جي مهمان آهين.“

”وات نه هڻ!“ موت جي نالي کان گوڪان ڏائڻ ڏڄي وئي ۽ وڏو ڪڙڪو ڪندي گوڪل ديو کي چيائين:

”ٻڌاءِ، اڄ تو اهڙي منحوس وائي ڪيئن ڪڍي؟ توکي ايڏي همت ڪيئن ٿي؟“ گوڪان ڏاڍ گوڪل ديو آڏو ڪاٺيءَ اک سان جن ڪاني ٻٽجي بيهي وئي هئي. تڏهن گوڪل ديو ٻڄندي، هٻڪندي چيس:

”گوڪان! مان محسوس پيو ڪريان ته تون پنهنجي مهمان سنڌباد سان ڪو فريب ڪرڻ واري آهين. جيڪا ڳالهه تو لاءِ سٺي نه ٿيندي. ان ڪري توکي چتاءُ پئي ڏنم.“

”هون.... غداري....... غداريءَ جي بوءِ. گوڪل ديو، تون لالچ ۾ اچي ويو آهين. پڪ ٿي پڪ انهيءَ سنڌباد توکي ڪا وڏي لالچ ڏني آهي.“

”نه گوڪان! سنڌباد منهنجي جان بچائي آهي، نه ته اڄ مون سمونڊ جو ترو وجي ورتو هو. جي سنڌباد منهنجي مدد نه ڪري ها ته آئون ٻڏي وڃان ها. مون دل ۾ پڪو فيصلو ڪيو آهي ته جيستائين جيئرو هوندس، سنڌباد جو وفادار رهندس.“

”هون..... غداريءَ جي بوءِ...... مون سان غداري، هوتل پريءَ سان غداري......! جن جو ڪائين پيئين ٿو، انهن سان غداري ڪندين.....؟ ۽ سنڌباد سان وفاداري؟“

”گوڪان! تون انهيءَ کي غداري سمجهين يا ڇا به. آئون توکي اڳواٽ چتاءُ ٿو ڏيان ته جي تو سنڌباد کي ٿورو به نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوءِ تنهنجو خير نه آهي. سنڌباد هڪ ڀلارو ماڻهو آهي، ان کي نقصان رسائڻ سان ملائڪ ڏمرجندا.“

هي هي هي ....... هي هي هي ....... ملائڪ ڏمرجندا! ها ها ها ........ ملائڪ ڏمرجندا. گوڪل، ائين چو نٿو چئين ته هاڻ تنهنجو بول پرجي ويو آهي. هاڻ تون پيٽ پرائيءَ جون ڳالهيون ٿو ڪرين. ڪائي ڪائي هاڻ تنهنجو بول پرجي ويو آهي. ڇا ڏيڏري، ڇا ڏيڏريءَ جا ڏند..... گوڪل، ياد رک! جي منهنجي ۽ هوتل پريءَ جي وچ ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندين ته ڇيپاتجي ويندين. ڪو پاڻي ڪونه پيارينديءِ....“ ڪاوڙ ڪان گوڪان ڏائڻ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو. هوءَ ڪاوڙ مان ڏڪندي، ڪرڙين اکين سان گوڪل ديو ۾ نهاري رهي هئي. گوڪل ديو ٻڄي ويو هو.

”گوڪان! تون اجايو پئي ڪاوڙ ڪرين. مون ته تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ پئي چيو.“

”ڀلائي! ههڙا تهڙا، تون ٿو مون کي ملائڪن کان ڊيڄارين. آئون جيئن چاهينديس، تيئن ڪنديس، سنڌباد ڀلارو ماڻهو آهي کي گلارو، اڄ رات منهنجي پيٽ ڀلا سنڌس ساهه پي ويندي. هي هي هي ....... هي هي هي ....... هاڻ ٻڌاءِ تون ساڻس ڪهڙيون وفاداريون ٿو ڪرين؟ تون – تون فقط پنهنجي پيٽ سان وفادار آهين. اونهن..... منهنجو ڪتو مون تي ڀونڪي. هي هي هي ....... هي هي هي ....... “ گوڪل ديو کي دڙڪا ڏيڻ کان پوءِ گوڪان ڏائڻ غفا ۾ رکيل ٻڄڪي مان خوفناڪ ڳوهه جهڙي چئن پيرن واري پيٽ ڀلا ڪڍي مٿس جهاز پڙهڻ لڳي ۽ جادوئي مرلي وڄائڻ لڳي.

”انتر منتر، ڪال ڪلنتر

جادو جنتر، شو شو شو.....

آمڻ ڪنديس، ڪامڻ ڪنديس

ڪارو جادو، شو شو شو.....

ساهه پٽيندي، ڪونه ڇڏيندي

نانگڻ جوڳڻ، شو شو شو.....

جال جلنتر، انتر منتر

ڪال ڪلنتر شو شو شو.....“

گوڪان ڏائڻ جي ائين جادو پڙهڻ سان پيئڻ بلا ۾ ڄڻ ساهه پئجي ويو ۽ پيئڻ بلا به منهين زبان ڪڍي، گوڪان ڏائڻ ۾ نهاري ڦوڪارو هڻڻ لڳي. ”شو..... شو..... شو...“ گوڪان ڏائڻ پيئڻ بلا مٿان ڪئين ڀيرا منتر پڙهيا. سئل بلا ڄڻ سجاڳ ٿي ڦوڪارا هڻڻ لڳي.

”هي هي هي..... هي هي هي......“ گوڪان ڏائڻ پيئڻ بلا کي ڏسي نرڀو ٿي پئي ۽ وڏا ٽهڪ ڏيندي، بلا ڪٽي، غفائن سان وڃڻ لڳي. انهيءَ محل ڏانهن جنهن ۾ سندباد سئل هو.

”گوڪان! آئون توکي وري چتاءُ ٿو ڏيان ته انهيءَ خوفناڪ ارادي کان مڙي وڃ.“ پر گوڪان ڪانه مڙي. هوءَ پيئڻ بلا ڪٽي ڊگهو ڊگهو ڪارو ڪٽو جهوليندي، گڏڪ گڏڪ پراسرار سرنگهن مان هلندي ٿي وئي.

انهيءَ وقت پلاءُ ڪائيندي، گوڪل ديو پاڻ کي ڏاڍو بيوس محسوس ڪري رهيو هو. هن ڪاوڙ مان پلاءُ جي ديڳ اونڌي ڪري ڇڏي ۽ ڪروڌ ۾ اچي ٻاهه مان هڪ وڏي ٻنڌي ڪڍي، گوڪان ڏائڻ پنيان اڇلائي. سڄي غفا ۾ ٽانڊا ٿي ٽانڊا پکڙجي ويا ۽ گوڪل ديو پنهنجي لاچاريءَ تي ٻئي هٿ مٿي تي ڏيئي ويهي رهيو ته هاڻ ڇا ڪريان؟ ”آئي هائي هائي...... گوڪل ديو هي ڇا ڪيئي! آخر ڪهڙي ڳالهه تان تڪرار ٿيو.....؟“ اوچتو ازغيبي آواز تي گوڪل ديو ڊجي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته هي آواز ڪٿان پيو اچي؟

”ڊڄ نه گوڪل ديو آئون مينا آهيان. او هتي ويٺي آهيان.“ مينا کي ڏسي گوڪل ديو کي مٺڙي ساهه پيو.

”چو سائين گوڪل! راڪاس برڙ ٻاڪاس لڳو پيو آهين. تنهنجي هڪڙي ڦوڪ سان اها سنهڙي شپڪڙي رن اڏامي وڃي، انهيءَ هڏن جي پڃري کان ٿو ڊڄين! حيف ٿئي ڙي گوڪل، حيف ٿئي. اسان پرڏيهي پکي سچ نه چونداسين ته ٻيو ڪير چوندو؟“

”مينا، توکي کھڙي خبر تہ اھا گوکان ڏائڻ ڪيڏي نہ حرفتڻ آھي. انھيءَ جي خوفناڪ جادوءَ کان منھنجو ھيانءُ ٿوڏڪي. ھاءِ ھاءِ منھنجي قسمت! جنھن ٻڌندي منھنجي جان بچائي، اڄ آئون ان جي ڪابہ مدد نٿو ڪري سگھان...... “ گوکل ديو روئڻھارڪو ٿي ويو.

”توکي کھڙي مدد ڪپي، نيٺ ٿيو ڇا آھي......؟“ مينا گوکل ديو جي ڳالھہ تي حيران ٿيندي چيو.

”مينا، توکي خبر ناھي! اھا خونڻ گوکان ڏائڻ سنڌباد سيلانيءَ تي پنھنجي پيئڻ بلا سان جادو ڪرڻ وئي آھي. سنڌباد جڏھن سجاڳ ٿيندو تہ ھو چريو ٿي ويندو. سنڌباد جي زندگي خطري ۾ آھي. “

”ھاءِ ھاءِ، ھي کھڙيون ڳالھيون پيو ڪرين؟ مان ڇا ڪريان.....؟ ڪيڏانھن وڃان.....؟“ اوچتو مينا وٺي پڙڪو ڪاڏو ۽ غفا کان مٿي اڏامي باز پکي کي سڏ ڪرڻ لڳي:

”گرڙ.... او مٺا گرڙ، جھٽ اچ. سنڌباد کي خطرو آھي. جھٽ اچ. نہ تہ گوکان ڏائڻ سنڌباد کي ماري وجھندي. “ مينا جي آواز تي باز پکي پنھنجا خوبصورت پک ھوا ۾ پکيڙيا.

”جھٽ ڪر، منھنجي پٺيان اچ. “ مينا جي ڳالھہ تي باز پکي تيزيءَ سان مينا پٺيان اڏامندو. گوکل ديو جي غفا ۾ داخل ٿي ويو. غفائن جي اندر سرنگھن ۾ ھنھي جي اڏام جو پڙاڏو پيدا ٿي ويو. ڪين سمجھہ ۾ نٿي آيو تہ گوکان ڏائڻ کھڙيءَ ڪجھيءَ سرنگھہ ڏي وئي آھي؟ ديوکل ديو سندن مدد لاءِ ڊوڙندو پئي آيو. مينا ڦڙ ڦڙ ڪري اڏامندي گوکل کي رڙ ڪندي چيو:

”گوکل، کھڙي پاسي کان سندس پيڇو ڪريون....؟“ گوکل ديو سھڪندي حيران ٿيندي وراڻيو! ”مينا، مون کي پاڻ انھن جادوئي سرنگھن جي ڄاڻ ڪانھي. منھنجي اکين آڏو اوندھ اچي وئي آھي. ھاڻي جي ائون اڳتي وڌندس تہ مرندس. ھاءِ ھاءِ، ھاڻ تہ مون کي ڪابہ شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. “ گوکل ديو اتي ئي مٿي تي ھٿ ڏئي ويھي رھيو، پر مينا ھمٿ ڪانہ ھاري. ھوءَ اڳيان ۽ باز پکي پٺيان، ٻئي تيزيءَ سان ڦڙ ڦڙ ڪندا ويا تي اکٽ اِنگڙ ونگڙ سرنگھن مان اڏامندا.

# خوفناڪ پيئڻ بلاءِ بازپڪي

گوڪان ڏائڻ ڪارو ڪتو جهوليندي، خوفناڪ ٺهڪ ڏيندي، ڳجهن سرنگهن مان هلندي ٿي وئي. سندس هٿ ۾ خوفناڪ زهريلي نيري پيئڻ بلا هئي. ”هي هي هي ..... هي هي هي ....... “ سرنگهن ۾ گوڪان ڏائڻ جو خوفناڪ پڙادو پئدا ٿي ويو ٿي ۽ سندس ڪاٽي پراسرار اک ويتر وڏي ٿيندي ٿي وئي.

اوچتو سرنگهن ۾ هلندي، هڪ جادوئي دروازو خوفناڪ آوازن سان کلي ويو. انهيءَ دروازي جي ٻئي طرف سنڌباد سيلانيءَ جو ڪمرو هو. انهيءَ ويل محل جي انهيءَ ڪمري ۾ سنڌباد وڏي شاهي پلنگ ۽ پٽرانين مٿان گهريءَ ننڊ ۾ الوٽ هو. سنڌباد کي ائين گهري ننڊ ۾ ڏسي، خوشيءَ کان گوڪان ڏائڻ جون واڇون ٽڙي پيون.

”هي هي هي...... هي هي هي ...... “ گوڪان ڏائڻ هٿ ۾ جهليل زهريلي پيئڻ بلا کي پيار سان ڏسندي، جادوئي منتر پڙهڻ لڳي:

”انتر منتر، ڪال ڪلنتر

جادو جنتر، شو شو شو.....

آمڻ ڪنديس، ڪامڻ ڪنديس

ڪارو جادو، شو شو شو.....

ساهه پئندي، ڪونہ ڇڏيندي

نانگڻ جوڳڻ، شو شو شو.....

جال جلنتر، انتر منتر

جادو جنتر، شو شو شو..... “

گوڪان ڏائڻ وڏا منتر پڙهڻ کان پوءِ، پيئڻ بلا مٿان شو شو شو ڪري ڪئين شوڪارا هنيا. پيئڻ بلا ڳاڙهيون اکيون ڦاڙي گوڪان ڏائڻ ۾ نهارڻ لڳي ۽ خوفناڪ شوشراٽ ڪرڻ لڳي.

ساهه پئندي، ڪونہ ڇڏيندي

نانگڻ جوڳڻ، شو شو شو.....

منهنجي پيئڻ، شو شو شو..... “

گوڪان ڏائڻ جي شوڪارن تي پيئڻ بلا ٻہ ڪر ڪٽي زهريلا ڦوڪارا هڻڻ لڳي. پوءِ گوڪان ڏائڻ پيئڻ بلا کي ستل سنڌباد جي پلنگ تي ويهاري، منتر پڙهندي رهي. سنڌباد کي ڏسي پيئڻ بلا شوڪاري سان ڦڻ ڪڍي، سنڌباد ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ جيئن جيئن پيئڻ بلا سنڌباد جو ساهه پيئڻ لاءِ، ستل سنڌباد جي منهن ڏانهن بنا آواز

سرندي ٿي وئي ته اوچتو محل اندر پکين جي اڏام جي ڦڙ ڦڙ جي آواز تي گوڪان ڏائڻ کان ڇرڪ نڪري ويو. هوءَ سرنگهه جو در بند ڪرڻ پلجي وئي هئي. مينا ۽ خوفناڪ باز کي ڏسي گوڪان ڏائڻ جو ساهه ئي سڪي ويو. باز پکي ايندي ئي پيئڻ بلا مٿان جهٽ ئي هڪڙو هنيو ۽ خوفناڪ چنبن سان پيئڻ بلا کي ڪٽي وجي پٽ تي سٽيائين ۽ تيز خونخوپار نهن سان ڪيس چيري ڦاڙي, اٽ ٽڪر ڪري اڇلائي ڇڏيائين. اهو خوفناڪ منظر ڏسي, گوڪان ڏائڻ ڪاري ڪتي ۾ منهن لڪائي پڄڻ جي ڪوشش ڪئي, پر باز پکي هڪڙي ئي لاماري سان مٿان وجي ڪڙڪيس. گوڪان ڏائڻ در جي چائنٽ سان آٽڙي, وڏي دانهن سان پٽ تي وجي ڦهڪو ڪيو ۽ خوف کان اکين مٿان ٻئي ٻانهون ڏئي ڇڏيائين. باز جي پوري ڪوشش هئي ته هو گوڪان ڏائڻ جي ٻي اک ڪڍي, ڪيس انڌو ڪري ڇڏي. گوڪان ڏائڻ ساهه ۽ اک بچائڻ لاءِ وتي رڙيون ڪيون ۽ واري واري سان باز جي چنبن آڏو ٻانهون ڏئي, پنهنجي سڄي اک بچائي تي وئي. سندس ڪيهون آسمان تائين تي ويون. هوءَ فرش تي پنيءَ پير ڪري, ليٽڙيون پائي رهي هئي ۽ مٿان باز پکي مٿانئس خوفناڪ حملا ڪري, خوفناڪ چنبن سان ڪيس پٽي رهيو هو. گوڪان کي ائين ڦٽڪندو, ڪيهون ڪندو ڏسي مينا کي کهڪاءُ اچي ويو, سو گوڪان ڏائڻ کي چڙائڻ لاءِ وتي رڙيون ڪيائين:

”مئا نياڳا گرڙ! گوڪان کي ڇڏي ڏي. هاءِ هاءِ هاءِ ....... ماري ڇڏيائين ويچاريءَ کي, رت ڪڍي ڇڏيائين ويچاريءَ جي...... هاءِ هاءِ...... خون خون ...... ظالم ڇڏ ويچاريءَ کي. وارو ڪيو, ڊوڙي اچو. هي مئو گرڙ گوڪان جو لاش ڪٽائي ڇڏيندو.... بچايو...... بچايو.... خون...... خون.... خون......“

باز جي شوشارن, گوڪان ڏائڻ جي خوفناڪ ڪيڪراٽن ۽ مينا جي دانهن تي پاسي وارن ڪمن ۾ سٽل سنڌباد جا ساٿي, ٻانهيون ۽ ٻانها به جاڳي پيا ۽ سڀ وتي سنڌباد جي ڪمري ڏانهن ڊوڙڻ لڳا. هوٽل پري ۽ ڪٺ پتلين واري ڪامٽڪور به سجاڳ ٿي سنڌباد جي ڪمري ڏانهن ڊوڙنديون ويون ته ماجرا ڇا آهي؟ مينا جي ربهه لڳي پئي هئي.

”هائي.... بچايو, بچايو!....... خون...... خون...... خون....... هاءِ هاءِ...... هي مئو ڇتو خوني باز گوڪان جو ساهه ڪڍي ڇڏيندو...... خون..... خون..... خون....... “ سنڌباد کي نه جاڳندو ڏسي, مينا ڪاوڙ مان سندس ڳٽي تي ٺونگو هڻي ڪڍيو. سنڌباد کي پيئڻ بلا اهڙي ڪا ڦوڪ هڻي ڇڏي هئي جو هن جو عقل ئي نه پيو جاءِ تي اچي ته هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ سو هڪدم باز کي حڪم ڏنائين:

”گرڙ! هي ڇا ٿو ڪرين؟ ڇڏ انهيءَ پوڙهيءَ کي....! “ سنڌباد جي هڪل تي باز ڪٽي گوڪان ڏائڻ جي ٻانهن مان چنبا ڪڍيا. گوڪان سڄي رتو ڇاڻ ٿي وئي هئي. ايتري ۾ سنڌباد جا سڀ ساٿي, ٻانها, ٻانهيون, هوٽل پري ۽ ڪامٽگر پدمٽي ڊوڙندا آيا هئا.

”پاڻي.... پاڻي....... هائي منهنجو ساهه ٿو نڪري. مون کي بچايو، پاڻي..... پاڻي.... “ گوڪان ڏائڻ ٺوٺ سڪل نڙيءَ سان خوف کان دانهون ڪري، پاڻي گهرڻ لڳي. سنڌباد جو هڪ ساٿي دوڙي پاڻيءَ جو ڪپو پري آڻي سندس وات تي رکيو، جو گوڪان ڏائڻ ڏوگهي وئي. تڏهن ڏيپي ڏيپي وڃي منجهس ساهه پيو.

هائي هائي...... مون کان خطا ٿي وئي. مان توبهه تائب ٿيس. مون کي بچايو.... هاءِ هاءِ، گوڪل ديو مون کي منع به ڪئي، پر مون سندس چوڻ ئي ڪونه ورتو. منهنجو سڄو جادو ڪوڙو ٿي ويو. چوندا آهن ته جيڪو سچ چوي، ان کي ٻڏجي ۽ مڃجي........ “ زخمن کان چور گوڪان ڏائڻ اڃا دانهون پئي ڪيون. سڀ سندس مٿان حيران پريشان بيٺا هئا ته آخر هي قصو ڇا آهي....؟

اتي هوٽل پريءَ جي واتان به دانهن نڪري وئي:

”هاءِ هاءِ! لعنت آهي مون تي جو اهڙي ڪڌي ڪم لاءِ گوڪان ڏائڻ کي هرڪايم ۽ پنهنجي مهمانن جي مٿي ننڊ ڦٽايم. هاءِ هاءِ، منهنجو ضمير مون کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو. حرص ۽ هوس ۾ اچي ماڻهو ڪيڏا نه نيچ ڪم ٿو ڪري. “ هوٽل پري اوچنگارون ڏئي ڏڪون پري روئڻ لڳي. هوٽل پريءَ جي انهيءَ ڳالهه تي سڀ حيران ٿي، هوٽل پريءَ ۾ نهارڻ لڳا.

”هوٽل راڻي، اهو اوهين ڇا پيو چئو؟ ڇو پيا پاڻ تي ملامت ڪريو؟ سچ، اوهان جي ائين روئڻ ۽ آهه زاري ڪرڻ تي اسان کي ڏاڍو ڏک پيو ٿئي. “ سنڌباد روئندڙ هوٽل پريءَ کي سهارو ڏنو. هوٽل پريءَ ڳوڙها ڳاڙهيندي چيس:

”سنڌباد! گوڪان ڏائڻ جو ڪوبه ڏوهه نه آهي. گوڪان ته حڪم جي ٻانهي آهي. اصل برائي جي جڙ ته آئون پاڻ آهيان. سچي ڳالهه ته اِها آهي ته جادوئي آرسيءَ ۾ توکي ڏسي منهنجي نيت ۾ خرابي اچي وئي هئي. مون دل ۾ پڪو پهه پچايو هو ته آئون توسان اهڙو فريب ڪنديس، جو تون پنهنجو سڄو فرض وساري، سدا لاءِ مون وٽ ترسي پوين ۽ سدا لاءِ گوڪل ديو ۽ گوڪان ڏائڻ جيان منهنجي حڪم ۾ حاضر هجين، پر تنهنجي نيڪ نيت ۽ سچائيءَ اڳيان منهنجو ڪوبه جادو نه هليو. سچ ڪوڙ کي ڪينچيءَ جيان ڪتري ڇڏيندو آهي. تو ڪٽيو، مون هارايو. هاڻ اوهان جيڪا به سزا چاهيو، مون کي اها ڏيو. جيستائين مون کي پنهنجي ڏوهه جي سزا نه ملندي، اوستائين منهنجو ضمير مون کي ڪائيندو رهندو. “ هوٽل پريءَ کي ائين روئندي ۽ پڇتاءُ ڪندي ڏسي، جهوني ناڪئي اڊي جي دل به ڪونئري ٿي وئي. تنهن هوٽل پريءَ کي چيو:

”هوٽل راڻي، تون رڳو مون کي ايترو ٻڌاءِ ته تو اهو ڪڌو ڪم ڇو ڪيو؟ ڇا تنهنجي دل ۾ سنڌباد لاءِ ڪا دشمني ايري ۽ تو ڪو ڪيس وڏو ڇيهو ٿي رسائڻ چاهيو....؟“

”نہ نہ..... خدا نہ ڪري. اهڙي ڳالهہ تہ آئون سوچي بہ نٿي سگهان. مان تہ اهو سڀ ڪجهہ سنڌباد جي پيار ۾ ڪري رهي هيس. سچ...... مون تہ سنڌباد سان شادي پئي ڪرڻ چاهي. مون تہ اهو پئي چاهيو تہ سنڌباد هميشہ منهنجي اکين آڏو هجي. هاءِ هاءِ، ننگر پارڪر ۾ هاڻ ڪهڙو منهن کڻي هلنديس...... “

”بس، ڳجهارت پجي پئي هوٽل راڻي! تو اهو سڄو ڪم سنڌباد سان دشمنيءَ جي ڪري نہ، پيار جي ڪري ڪيو. اهو تنهنجو ٻالپڻو هو. پيار ۾ ماڻهوءَ کان الائي ڪهڙيون ڪهڙيون خطائون ٿي وينديون آهن. جيڪي رب پاڪ بہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن تنهنجي اندر ۾ اسان لاءِ ڪينو نہ هو تہ پوءِ تنهنجو پڇتاءُ اجايو آهي. هاڻ پنهنجا اهي ڳوڙها اگهي ڇڏ. “ جهوني ناڪئي جي ڳالهہ تي هوٽل پريءَ جي دل تي ڪجهہ ڇنڊو پيو. سو ڪجهہ خوشي ٿيندي چيائين تہ: ”ڇا اوهان سڀني مون کي معاف ڪري ڇڏيو.....؟“

”ها، اسين تہ ان کي خطائي نٿا سمجهون. تون دلجاءِ ڪر، اسان جي دل ۾ تو لاءِ سدائين نيڪ خيال رهندا..... “ سنڌباد جي واتان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي هوٽل پري خوش ٿي وئي ۽ هن پنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيا ۽ سرهو ٿيندي چيائين:

”پره ڦٽيءَ جي مهل اچي ٿي آهي. اڄ وڃان وڃان نہ ڪريو. هڪ بہ ڏينهن مون کي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيو. سچ، اوهان سڀني جي خدمت ڪندي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي. “ سندس ڳالهہ تي جهوني ناڪئي چيو:

”هوٽل راڻي! اسان جو پنڌ ڏاڍو پرانهون آهي، اڄ اسين پاراشر رشيءَ جو ديدار ڪري هليا ويندا سين. “

”چڱو، جيڪا اوهان جي مرضي. پر نيرڻ ڪرائڻ کان سواءِ آئون اوهان کي هتان وڃڻ جي مور نہ ڏينديس. “

”ها، اسين نيرڻ ضرور ڪنداسين. “

ٻانهيون ۽ ٻانها رڌ پچاءَ ۾ لڳي ويا. سنڌباد ۽ سندس ساٿي وهنجي سهنجي، نيرڻ ڪرڻ لاءِ هوٽل پريءَ جي دسترخوان تي اچي گڏ ٿيا.

# هوٽل پريءَ کان موڪلائي

صبح جو سويري، سنڌباد ۽ سندس ساٿي هوٽل پريءَ جي محل ۾ وهنجي سهنجي، نوان وڳا پهري، نيرن جي دسترخوان تي آيا، جتي هوٽل پري ڪامٽڪور پدمنيءَ سان گڏجي ماڪيءَ، مکڻ ۽ ڦلڪن سان نيرن ڪيائون ۽ مٺا شربت پي تن تازا ڪيائون. جڏهن ڪائي پي ڍؤ ڪيائون ته هوٽل پريءَ سنڌباد کي چيو ته: ”آئون نويڪلائي ۾ توسان ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهيان. مهرباني ڪري منهنجي پٺيان اچو.“ سنڌباد هوٽل پريءَ جي پٺيان هلندو، هوٽل پريءَ جي خاص سمهڻ واري ڪمري ۾ آيو، جنهن ڪمري ۾ اها جادوئي آرسي رکيل هئي. هوٽل پريءَ سون ۽ چاندي جي تاڪن واري ڪٻٽ جو دروازو کولي، هڪ گول هيرن مڙهيل ننڍڙي آرسي ڪڍي، سنڌباد کي ڏيندي چيو:

”سنڌباد! دنيا مشڪلاتن ۽ حادثن جو گهر آهي. آئون چوان ته توکي ڪوسو واءُ به نه لڳي. تون جتي به هجين، آئون توسان گڏ هجان. دل ته گهڻوئي ٿي چوي، پر آئون توسان هلي نٿي سگهان. ڇو ته ننگر پارڪر مٿان سدائين بدنيت ڏاريا خونخوار ڏئوت ۽ راڪاس حملا پيا ڪندا آهن. هي منهنجو ملڪ آهي، وطن آهي، آئون ان جي حفاظت نه ڪنديس ته ٻيو ڪير ڪندو؟ ان ڪري توکي چاهڻ جي باوجود به آئون توسان گڏ نٿي هلي سگهان. مون کي خبر آهي، ڪارو ڪيڙيندي توکي الائي ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون آڏو اچن، انهيءَ ويل هيءَ ننڍڙي جادوئي آرسي توکي ڏاڍو ڪم ايندي. انهيءَ وقت تون هن آرسيءَ کي هيئن حڪم ڏيندين:

آرسي ڙي آرسي  
او تڪل ٻڌل آرسي  
سمونڊ جي تري جيڏي آرسي  
هن آر، ڪي هن پار  
ڪير اڇي پيو، ڪير وڃي پيو  
ڪهڙا ٿين پيا ٽا واپار  
سڀ ڏيکار......  
نه ته ٽڪرا ٿيندينءَ چار  
آرسي ڙي آرسي  
او تڪل ٻڌل آرسي  
سمونڊ جي تري جيڏي آرسي

کھڙا دشمن، کھڙا دوست،

کھڙا مانگر، کھڙا ڪن،

کھڙا وڙھندا، ديو ۽ ڪوراڙ

سپ ڏيکار......

نہ تہ ٽڪرا ٿيندينءَ چار

آرسي ڙي آرسي

او ٽڪل ٻڌل آرسي

سمونڊ جي تري جيڏي آرسي..... پوءِ انھيءَ ۾ توکي مان ڏسڻ ۾ ايندس. توکي منھنجي جيڪا بہ مدد گھرڻي ہ آئون ھڪدم حاضر ٿي، تنھنجي مدد ڪنديس. سنڌباد ھوٽل پريءَ کان اھا آرسي وٺي ڏاڍو خوش ٿيو.

ٻاھر، انن جي دڪي تي گوڪل ديو خوبصورت ڪجاون سان سجايل انن جي قطار، دڪي آڏو اچي ھشائي ھئي. گوڪل ديو جو منھن لٿل ھو. ھن جي دل پئي چاھيو تہ سنڌباد ڪجھہ ڏينھن ترسي پوي تہ ھو سندس خدمت ڪري، ڪچھريون ڪري ۽ ڪيس ڪارونجھر جبل جا سير ڪرائي، پر اڄ سنڌباد پنھنجي سفر تي روانو ٿي رھيو ھو.

اٺ جون قطارون دڪي لڳ ھشائي گوڪل ديو ٽڪڙو ٽڪڙو دالان ۾ وراندا لتاڙيندو، ھاٿيءَ جيان ڌم ڌم ڪندو شاھي محل ۾ ھوٽل پريءَ آڏو آيو ۽ ڪورنش ڪندي چيائين:

”شاھي مھمانن جي سواري تيار آھي.“ گوڪل ديو جي ڳالھہ تي سنڌباد ۽ سندس ساٿي ھوٽل پريءَ ۽ ڪامٽڪور پدمٽيءَ کان موڪلائي محل کان ٻاھر آيا ۽ ھلندا اچي ھشيل انن جي ڪجاون مٿان وڏي ٺٺ ۽ اڊمبر سان اچي ويٺا. جتن اٺ ڪڙا ڪيا. ھاڻ سندن قافلو پاراشر رشيءَ جي استان ڏانھن ھلندو ٿي ويو.

# پاراشر رشي ۽ سنڌباد

صبح جو سويري، پره ڦٽي ويل، صبح جي لالاڻ ۾ ڪارونجهر جبل رات جي انڌوڪار مان نڪري، سوين رنگ ڌارڻ لڳو هو ۽ ننگر پارڪر شهر به ڄڻ جاڳي پيو هو. ان ويل سنڌباد ۽ سندس ساٿي هوٽل پريءَ ڪان موڪلائي، پاراشر رشيءَ جي پڌام ڏانهن وڃڻ لڳا هئا. هڪ سينگاريل مهري اٺ تي گوڪل ديو وينو سندن قافلي جي اڳواٽي ڪري رهيو هو. سنڌباد ۽ سندس ساٿي پلن اٺن مٿان ڪجاون تي وينا. جهوٽا ڪائيندا ننگر پارڪر شهر جا نظارا ڏسندا تي ويا.

صبح جي انهيءَ ويل ننگر پارڪر جي شهر جون چلهيون دونهان ڇڏي رهيون هيون. مايون رڌ پچاءُ ڪري رهيون هيون. ڪجهه گهرن مان اجا تائين جنڊن گهرڻ جا آواز پئي آيا. مايون ماٽين ۾ ولوڙا ڪري، مکڻ پئي ولوڙيو ۽ مالوند چوپايو مال پهرائڻ ۾ لڳي ويا هئا ۽ سرن[1] مان پاٽي پرڻ لاءِ جوڙيليون پيلهه ۽ ٽيلهه دلا ڪنيو جبل ڏانهن پئي آيون ۽ ويون. مندرن ۾ عبادت گاهن جا گهنډ هوريان هوريان ماٺا تي ويا. ڏينهن شينهن ٿي ويو هو.

شهر مان گذري، ڪجهه پنڌ پنڌ ڪان پوءِ جڏهن سندن اٺن جو قافلو هڪ برساتي نديءَ جي پيٽ اکري جبل جي ايرندي پاسي جبل جي پاڙ ۾ اچي بيٺو، جتي اٺن تان لهڻ لاءِ خوبصورت دڪو ٺهيل هو.

جبل جي انهيءَ پاڙ ۾ پهچي، سنڌباد ۽ سندس ساٿي ڏاڍي حيرت ۾ پئجي ويا. پٽڪن ۽ ٽوپين کي هٿ ڏئي، ڳاٽا اپا ڪري آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبل جي ڳاڙهين چوٽين ڏانهن نهارڻ لڳا ته متي ڪيئن چڙهبو؟ چو ته هي گول، لسڙو، ترڪڻو، رنگا رنگ اراولي پاهڻ هو.

سڀ اٺن تان لهي پيا ۽ گوڪل ديو جي پنيان غفائن مان گذرندا، مٿي جبل جي چوٽيءَ ڏانهن وڃڻ لڳا. رستو ورو ڪڙ ڪائيندڙ، ڏاڍو ڏکيو ۽ اٽانگو هو، جيڪو جهونو ناڪئو چڙهي نه سگهي ها، پر هوٽل پريءَ جا ماڻهو لاڪس شاهي ڏولي کڻي آيا هئا، جنهن کي چئن مڙسن ڪلها ڏئي تي کنيو.

جبل جي چاڙهين ڪان اڳيان اڳيان گوڪل ديو هاٿي جيان هلي رهيو هو. سنڌباد ۽ سندس ساٿي گوڪل ديو پنيان آڏا لڪ لتاڙيندا، غفائن ۽ ورن وڪڙن مان گذرندا، مٿي چڙهندا تي ويا. تمام گهڻو مٿي، جو هيٺ نهار ته مٿو پيو ڦري. جهونو ناڪئو ڏوليءَ ۾ آرام سان وينو جبل جا نظارا ڏسندو پئي ويو. سڀ پاڻ ۾ ڳالهائيندا منڊڪ مارڪا ڪندا پئي ويا.

پاراشر رشيءَ جو آستانو ڪارونجهر جبل جي ايرندي پاسي وارين اتانگهه چوٽين مان، هڪ چوٽيءَ مٿان هو. جتي هڪ وڏو ويڪرو قدرتي ٿلهو ٺهيل هو. اتي مٿي جبل جي اتانگهه چوٽين تي ڪونيٽن، ٻبرن، ڪنڊم، ڪجين،

چارين ۽ ڪپڙن جا وڻ قطارون ڪيو بيٺا هئا، جتي پهچي، ماڻهو کي ائين پاسندو هو جڻ بهشت ۾ پهچي ويو آهي. جبل جي ٻئي پاسي کان مهاسنڌو ساگرچوليون پيو هڻندو هو. قدرت جا نظارا، ماڻهو جا ڏسي جا ڏسي!

پاراشر رشي، پرهه ڦٽي ويل انهيءَ ٿلهي کان ٻيهي سج اڀرڻ جو ڇهڇٽو ڏسندو هو ۽ ڌرتي جي اسرارن تي غور فڪر ۽ ويچار ڪندو هو. پنهنجي علم عرفان، تاريخي ڄاڻ، فلسفي ۽ شعر جي ڪري دور ولاتن ۾ سندس واکاڻ هئي. پري پري جا راجا ۽ راڻيون سندس آسڻ تي حاضري ڀرڻ ايندا هئا.

گوڪل ديو جي اڳواڻيءَ ۾ جڏهن سنڌباد جو قافلو پاراشر رشيءَ جي پڌام تي پهتو ته اڇيون ساڙهيون پهريل ديوداسين وڏا ڪورنش ڪري سنڌن آجيان هئي. هڪ ديوداسي نهايت ئي ادب مان چيو:

”اوهين سڀ ڀلي ڪري آيا. رات جو هوٽل پريءَ اوهان جي اچڻ جو نياپو موڪليو هو ۽ صبح اويري اوهان جي مينا اڏامندي آئي ۽ اوهان جي اچڻ جو اطلاع اچي ڏنائين. وڏي ڪچهرڻ آهي، اوهان جي مينا. “ جهوني ناڪئي چيس:

”هائو ڪچهريءَ جي ڪوڏي آهي. سندس دل گلاب جي گل جيان نرم ۽ سون کان وڌ اجري آهي. اهي پکي اسان ماڻهن کان گهڻو وڌ ملوڪ آهن. “

گوڪل ديو جهوني ناڪئي کي چيو:

”ناڪئا! اوهين پاراشر رشيءَ جو درسن ڪري اچو. اسين هتي بيٺا اوهان جو انتظار ڪريون. اسان جي حد اِها آهي. “

سنڌباد ۽ سندس ساٿي جڏهن ديوداسين پٺيان هلندا، پاراشر رشيءَ جي قدمن ۾ پهتا ته پاراشر رشي پالڪيءَ ۾ وڏي آسيس ماڻي رهيو هو. سج جا پهريان سونهري ڪرڻا سندس پيشانيءَ تي پئجي رهيا هئا. سندس ڏگهي اڇي سونهاري[2] چاندي جيان پئي ٻري ۽ چمڪي. پاراشر رشيءَ ڏاڍي مهربان نيڻن سان ڏانهن نهاريو. ڪن لاءِ ته سنڌباد ۽ سندس ساٿي ادب مان ڪنڌ جهڪائي ٻيهي ويا هئا ته جا ڳالهايون؟ سنڌباد دل ٻڌي ڳالهايو:

”هي مهارشي! ننڍڙي لاڪي، ماءُ واتان اوهان جو منو نالو ٻڌندو هئس ۽ اوهان جون پوٿيون[3] پڙهندو هئس. تڏهن دل چوندي هيم ته پکي هجان ها ۽ اڏامي وڃي اوهان وٽ پهچان ها ۽ اوهان کي پسان ها. آئون پانيان ٿو ته ماءُ جي ڪنهن دعا مون کي هتي پهچايو آهي. منهنجي ماءُ جي دعا ڪا اگهامي وئي هئي. “ اها ڳالهه چوندي سنڌباد جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا هئا ۽ هو خوشيءَ مان ڳاڙهو ٿي ويو هو.

”ماءُ جي پيرن ۾ بهشت آهي، ماءُ ڌ خدا آهي. “ پاراشر رشيءَ اها ڳالهه وڏي سڪون سان چئي هئي ۽ جڻ ڪا ڳالهه ساري مرڪي پيو هو.

”هي مهاويد، منهنجو هڪ مونجهارو ختم ڪريو.“ جهوني ناڪئي همٿ ڪري ڳالهايو: ”هي جا ساموندي مها پرلئه پئي اچي، انهيءَ ۾ ڪهڙا ڪنڊ ٻڏندا ڪهڙا ترندا؟ ڇا هي ڪارونجهر، پبو ٽوڙهو، کيرٿر، پب، هاڙهو، هالار، بولان ۽ ڪوهه سليمان، ڪوهه ميرو پربت ۽ ڪوهه ڪاف ڇا انهن سيني مٿان مها پرلئه جو پاڻي وري ويندو....؟!“

جهوني ناڪئي جي سوال تي پاراشر رشي وڏي سوچ ۾ پئجي ويو ۽ چيائين:

”اها خبر ڪنهن کي به ڪانهي، اهو غيب آهي. باقي ها — ”ناد“ ويد ۾ هڪڙي پيري پڙهيو هوم.“ پاراشر رشي جڻ ڪا ڳالهه ياد ڪرڻ لڳو هو. ”ناد“ ۾ لکيل هو: ”انهيءَ وڏي ساموندي طوفان کي منهن ڏيڻ لاءِ جڏهن نوح نبي ٻيڙو تهرائڻ جي تيارين ۾ هوندو ته هڪ پوڙهي مائي سندس ڏاڍي خدمت ۽ چاڪري ڪندي ۽ سدائين پئي ياد ڏياريندس ته اي نوح نبي، آئون ڏاڍي هيڻي آهيان. ٻوڏ اچي ته پوءِ مون کي نه وسارجانءِ، مون کي پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهجانءِ. مان ننڍڙي آهيان، ڏاڍو تي ڏجان.“ ۽ جڏهن ٻوڏ ايندي ته نوح نبيءَ کان اها پوڙهي وسري ويندي. ٻوڏ جي گذري وڃڻ کان پوءِ، جڏهن ٻوڏ جو پاڻي پنهنجي جاءِ والاري ويندو ته سالن کان پوءِ اها پوڙهي نوح نبي کي ياد ايندي ته نوح نبي اتي وڃي پهچندو ۽ ڏسندو ته اها مائي انهيءَ ماڙيءَ ۾ پنهنجي رڍن سان ويٺي آهي. پوڙهي سندس چاڪري ڪندي ۽ کير پياريندس ۽ وري ساڳي ڳالهه ورجائيندس ته وڏي ٻوڏ ويل منهنجي پارت هجيئي. مون کي پنهنجي ٻيڙي ۾ ضرور ويهارجانءِ، آئون ڏجان ٿي. تڏهن نوح نبي حيران ٿي چوندس ته توکي ڪا به خبر ڪانهي؟ هي هيڏو پاڻي جو وري ويو....؟! تڏهن پوڙهي چوندس ته مون کي ڪا به خبر ڪانهي! ڪجهه ڏينهن اڳ گهاٽو جهڙ ٿيو هو. منديون ڪڪريون وسنديون پئي ويون. بس ايترو مينهن پيو هو جو منهنجي رڍن جي پشم ذوپجي وئي هئي — ۽ ”ناد“ ۾ چٽيءَ طرح لکيل آهي ته غيب جي خبر رڳو خدا کي آهي، جيڪو هر شيءِ جو خلقيندڙ ۽ پالڻهار آهي. باقي ماڻهو ويچاري کي ته پنهنجي خبر ڪانه ٿي پوي. ايئن جيئن تڪليف کان نئين چاول ٻار کي خبر ڪانه ٿي پوي ته هو روئي ڇو پيو؟ هاڻي ڏسو، هي تر جون پٽون هزارين سال اڳي اتي سمونڊ پيو چوليون هڻندو هو. هاڻي اتي سمونڊ ڪونهين. اهو اسان رڳو ڏهن ڪان تا ڪم وتون، ڇو ته انهيءَ واريءَ ۾ سپون ۽ ڪوڏ ملن تا. تڏهن چئون تا ته اڳي هي حصو پاڻيءَ ۾ هو.“ پوءِ پاراشر رشي چپ ٿي ويو.

”هي مهارشي! آئون ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان ته ڪنهن ڏک کان منهنجو مٿو ٽڪاءُ ڪري ڦاٽي پوندو. جي حڪم هوءِ ته آئون به اڪرچوان.“ هڪ ملاح ڇوڪري ڏجندي عرض ڪيو.

”پل چئه، ڇا نانءُ آهي تنهنجو؟“ پاراشر رشي ٽِڪ ٻڌي سنڌباد جي انهيءَ نوجوان ساٿيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو، جنهن جي ڇاتي ويڪري، ڏونرا وٽيل ۽ پنا اگهاڙا هئا ۽ چيلهه سان ڏڦو ٻڌل هئس.

”ڪتڻ — آئون ڏڦير مهاڻو آهيان.“

”ڪهڙي ڳڻتي آهي جا توکي ستائي ٿي.....؟“

.مون کي وڏي چنتا آهي. مان پوڙهي ماءُ ۽ ڪنواري ڀيڻ ڇڏيو پيو اچان. هي سنڌباد ته ڪئين پوٿيون پڙهيو وينو آهي. هي ڪنهن مقصد کي آڏو رکي، سفر ڪري رهيو آهي. هن جهوني ناڪئي اڳيان به وڏو مقصد آهي. هن کي خبر آهي ته هي ڪارو چو پيو ڪيڙي؟ پر آئون سنڌي نه سمجهان. آئون ڇو ڇيو سمونڊ ڇاڇوليان؟ آئون ڇو سڄي ڪٽنب قبيلي کي پٺي ڏيو لهرن سان پيو لڙان؟ آئون ناٽي لاءِ به نه پيو لوڙيان. ناٽو ته سون مياٽيءَ ۾ سڀ کان گهٽو آهي. آخر اها ڪهڙي طاقت آهي، جا مون کي اڻ ڏٺل، اڄاتل سمونڊن ڏانهن گهريو پئي وڃي؟ نيٺ به ته مون کي ڇا پراپت ٿيندو؟ ائون ڇو امڙ ۽ ابو ڇڏي آيو آهيان.....؟“

”لوچ، جي لوچين سي لهن. توکي الاهين ڪجهه پراپت ٿيندو، پر توکي انهيءَ جي ڄاڻ ئي نه پوندي. ڪهڙي خبر ته ڪنهن جي مقدر ۾ ڇا آهي؟ باقي قربانيون ته سڀڻن ماڻهن جو مقدر آهن. ڪنڻ، منهنجي دل ٿي چوي ته تون وڏو سڀاڳو ماڻهو آهين.“ پاراشر رشيءَ جي ڳالهه تي ڪنڻ کي جڻ سڪون ملي ويو. هن جلدي پنهنجي ساٿي نوجوان کي ٺونٺ هنئي. ”مينهان، تون به ڪجهه پڇي وٺ.“ ڪنڻ جي ڳالهه تي ننڍي وهيءَ وارو مينهون گهبرائجي ويو، چيائين:

”هي مهاويد، مون کي رڳو دعا ڪريج.“

”ڏٽي ڪندو ته ڏکيو ڏينهن نه ڏسندين، وار ونگو نه ٿيندءِ، اوهان سڀني کي منهنجي دعا آهي.“

”هي مهاويد، الائي ڇو منهنجي دل پئي چوي ته آئون پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندس. اسان اوهان جو الاهين قيمتي وقت سيڙاهيو.“ سنڌباد چيو.

”اوهين سڀ سڀاڳا ماڻهو آهيو. اهڙا جوا ج مون کي ”ناد“ ويد جا ورق ياد اچي ويا.“ ان ويل قلزين چانيل اڪ جي تاريءَ تان مينا رڙ ڪئي:

”هي پاراشر رشي، مون کي هڪڙي دعا ڪريو ته منهنجي شادي نه ٿئي.“ پاراشر رشي مينا ڏانهن نهاري مرڪي پيو.

”ڇو، تنهنجي شادي ڇو نه ٿئي.....؟“ پاراشر رشيءَ جي ڳالهه تي مينا وراڻيو:

”مڙس پنهنجي زالن سان سٺو ڪين ٿا هلن. مڙسن جو ورتاءُ زالن سان نهايت اڏنگو آهي. هاڻي هن ٽڪي جي ڪوتوار گوڪل ديو کي ئي ڏسو. زال گوڪان تي ائين پيو روب رکي جڻ پڻس جي نوڪرياڻي هجي ۽ اسان جو ڪارو مور... توبهن..... زال جي جدائي ۾ مڙس ڳاتوئي نٿو جهلي سگهي، پر جڏهن زال ملنديس ته پوءِ ڏسجؤ ته ڪيئن ٿو تيگر ڪري. ڇهنب سان ويچاريءَ جي نوڙهه ڪسائي ڇڏيندو.“ مينا جي ڳالهه تي سڀ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. ان ويل باز پکي به ڪارونجهر جي چوٽين کان اڏامندو هيٺ آيو ۽ هن پر پکيڙي ڪئين ڦيرا پاراشر رشي مٿان

وڏي پراسرار اڏامر پري. سندس پرن جو پاڇو ڪئين ٻيرا پاراشر رشيءَ مٿان پيو ۽ پوءِ الهندي طرف پنهنجي ٻيٽن ڏانهن اڏامندو هليو ويو.

ٿوريءَ دير لاءِ سڀ ٽِڪ ٻڌي باز پکيءَ جي اڏام ۾ نهاريندا رهيا. سنڌباد کا ڳالهه ياد ڪندي وري ڳالهايو:

”اي مهاويد! اڄان به هڪڙي ڳالهه مون کي اوهان کان پڇڻي آهي. هيءُ جو سناٽو سمونڊ آهي، جنهن ۾ وڏا مانگرمڇ تا پڇ هڻن، جتي چوليون پهاڙن جيان ٻيڙن مٿان وري ويندون آهن ۽ ٻيڙا اٿلي ٻڏي ويندا آهن. انهيءَ کي ڪيئن پار ڪجي؟ ڪهڙا گهيڙ وٺي وڃجن....؟“

سنڌباد جي انهيءَ ڳالهه تي پاراشر رشي وڏيءَ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ چيائينس:

”سنڌباد! مون کي ڪهڙي خبر ته اوهين ڪهڙا ڪنڌ — اپ ڪنڌ ڏسڻ تا چاهي — ڪهڙا ٻيٽ — اپ ٻيٽ....؟“

”اسين سڄي ڌرتيءَ کي چڪر هڻڻ تا چاهيون. اپرندي جي ملڪن کان ڦرندا، ڏوراوپرجي ملڪن ڏانهن وڃڻ تا چاهيون، جيئن نوح نبيءَ جي امانت ڪيس وڃي ڏيون. بس اهو سوچي ڏٽيءَ جو نالو وٺي ڪارن ڪنن ۾ گهڙي پيا آهيون.“

”پرجي آئون اوهان کي سهڻي صلاح ڏيان ته پوءِ؟“

”چوندا آهن ته پڇڻا نه منجهڻا. سچي ڳالهه ته اها آهي ته اسين اوهان کان صلاح وٺڻ آيا آهيون.“ جهوني ناڪئي اڊي ڳالهايو. پاراشر رشيءَ چيس:

”ته پوءِ ٻڌو! پهرين اوهان پونءِ ترو ڪنڌ ڏانهن ٻيڙا ڪاهي وڃو. انهيءَ پار اڃان ڪوبه نه ويو آهي. پونءَ ترو ڪنڌ[4] ڌرتيءَ جو هيٺاهون حصو آهي، زمين جو ترو آهي. اتي نسورو ناحق آهي. اتي وڃي جانچ لهو ته آهي ڇا؟ اتي انسانن جون ڪهڙيون تڪليفون آهن؟ اهي دور ڪيو. جي اوهان جو سفر سچ جو آهي ته پوءِ چوليون پاڻ اوهان جون رهبر ٿي ويندين.“ رشيءَ جي واتان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي سنڌباد جا سڀ ساٿي ڏاڍا سرها ٿيا. سنڌباد چيو:

”اهڙي سهڻي صلاح لاءِ مهرباني جو اسان کي پونءَ ترو ڪنڌ جو عقل ڏنو اٿو. هاڻ اسين سڀ کان پهرين ڌرتيءَ جو اهو هيٺاهون حصو ڏسنداسين. اتي جي ماڻهن جي مشڪلاتن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ ڌرتي جي انسانن لاءِ سٺو پيغام آڻينداسين. هاڻي الله توهار....“

”الله توهار....“ پاراشر رشيءَ کين دعائون ڏنيون. سنڌباد پنيان سيني پاراشر رشيءَ آڏو وڏا ڪورنش ڪيا ۽ پوءِ ڪانئس موڪلائي، موٽڻ لڳا — اوڏانهن، جتي گوڪل ديو سندن انتظار ڪري رهيو هو.

# پوڻيءَ ترو ڪنڌ جو سفر

ڪارونجهر جبل جي پاڙ ۾ اٺن جي دڪي تي اچي سڀ پنهنجي پنهنجي اٺن تي سوار ٿيا. گوڪل ديو جي مهري اٺ پنيان سڀ اٺ گڙندا، راڙا ڪندا اٿيا. هان سندن قافلو گودي ڏانهن وڃي رهيو هو، جتي سنڌباد جا ٻيڙا لنگر انداز هئا. اٺن جا اوچا ڳاٽ تلا وچائيندا، گڙڪندا هم هم ڪندا پئي هليا.

بندر جي دڪي تي اچي گوڪل ديو اٺ هشايا. اڄ گوڪل ديو ڏاڍو اداس، رنجوڙ ۽ اپاٽڪو پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڄڻ مڙس جي سڄي طاقت ختم ٿي وئي هئي. منهن ئي ڪارٽيو پيو هوس. سنڌباد انهيءَ ڳالهه کي محسوس ڪندي چيس:

”ڪوتوار گوڪل ديو! اسين جڏهن هتي آيا هئاسين ته اوهان جو چهرو ٻهڪيو پئي. ڏاڍي ڦڙتي هئي اوهان جي هلڻ ۾. اوهان جي هلڻ سان ڄڻ ڌرتي ڌڄي ٿي. پر اڄ اوهان ۾ اها ڦڙتي ڪانهي. اوهين ڪجهه اداس پيا ڏسڻ ۾ اچو. ڪٿي اسان پاران اوهان کي ڪو رنج ته نه پهتو آهي؟ انسان خطا جو گهر آهي. جي اهڙي ڪا ڳالهه آهي ته پوءِ اسين توکان معافي ٿا وٺون.“ سنڌباد جي ڳالهه تي گوڪل ديو ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ چيائين:

”سنڌباد! اوهان جهڙن پيارن ماڻهن کان ڀلا ڪنهن کي رنج ملندو؟ اهي ته اسان جهڙا هچارا ماڻهو هوندا، جي ٻين جون دليون ڏکوئيندا آهن. مون کي ته انهيءَ ڳالهه جو ارمان آهي ته آئون اوهان جي خدمت ڪرڻ بدران، اوهان جي رستي ۾ رڪاوٽون کڙيون ڪندو رهيس. هاءِ هاءِ... ڪٿي پيٽ لاءِ زنده رهڻ ڪيڏو نه حقير ۽ نيچ ڪم آهي.“ اها ڳالهه چوندي گوڪل ديو روئڻهارڪو ٿي ويو هو. تڏهن جهوني ناڪئي چيس:

”نه گوڪل ديو! تون پنهنجو پان کي اجايو پيو گهٽ وڌ ڳالهائين. سچ پڇين ته اسان جي دل ۾ تو لاءِ وڏي عزت آهي. تون جيڪو ڪائين ٿو سو هنڌائين ٿو. تو جهڙن پهلوانن جي ڪري ئي اسان جي ملڪ جو ڳاٽ اونچو آهي. توکي ڪاٽيارو ڪير چوي!“

”ته ڇا سچ پچ اوهين مون کي چڱو ماڻهو ٿا سمجهو؟“

”هائو! تون ٻي ڌپ، بهادر، فرض شناس ۽ مانجهي مرد آهين. اسان تنهنجو مرتبو سڃاڻون ٿا. باقي ڪل پيو ڳ، سو اسان سيلانين جي ڳالهه دل ۾ نه ڪجانءِ.“

”سچ، اهڙيون ڳالهيون ڪري اوهان مون کي لڄيندو ڪري رهيا آهيو. دل چوي ٿي ته جيڪر مان آزاد هجان ها ۽ انهيءَ سفر ۾ اوهان سان گڏ هجان ها.“

”گوڪل، تون سدائين اسان کي ياد هوندين.“ سنڌباد ۽ جهوني ناڪئي جي ڳالهين سان گوڪل ديو خوش ٿي ويو هو. منجهس ساڳي ڦڙتي موٽي آئي هئي.

سپ پاڻ ۾ ڳالھيون ڪندا، ٻيڙيءَ جي ڪاٺائن ڦٽن تان مٿي هلندا ٻيڙن ۾ سوار ٿيا. سنڌباد جي شيهن جي ٻچن جي جوڙي راند لاءِ وري گوڪل ديو تي حملو ڪيو.

”پري ٿيو ٻليءَ جا ٻچا، هٽي پري ٿيو ٻليءَ جا ٻچا...... “

گوڪل ديو جي ساڳي هڪل لڳي پئي هئي ۽ ساڳئي وقت هو هٿ ڦيرائي ساڻن پيار بہ ڪري رهيو هو ۽ شينهن جا ٻچار بار بار گوڪل ديو سان راند ڪرڻ لاءِ مٿس ٽپا ڏئي رهيا هئا ۽ گوڪل ديو وڏا ٺهڪ ڏئي رهيو هو.

”گوڪل! شينهن جي ٻچن کان ڊڄين ڪونہ ٿو پر هن ڪاني جهڙي سڪل زال کان بہ ڪيڏو ٿو ڊڄين.“ مينا جي ڳالھ تي سپ کلڻ لڳا. گوڪل ديو مينا کي چيو:

”مينا! توکي خبر ناهي. اها سڪل ٻاندي مڪريل جادوگرياڻي آهي.“

”ٺهيو ٺهيو ٺهيو..... اجايو پيو ويچاريءَ کي ٽيگر ڏين. لاهي پادر هٽيس تہ سڄو جادو نڪري وڃيس. باز ڪان نہ ڇڏايانس ها تہ اڄ تون تنڙ هجين ها.“ سيني جي کلڻ تي گوڪل ديو بہ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

پوءِ گوڪل ديو سنڌباد ۽ سيني ساٿين سان ياڪر پائي موڪلايو ۽ ٻيڙي جي ڦٽي تان هيٺ لهي ويو. سنڌباد جا ساٿي ڪاٺ جو ڦٽو ٻيڙي ۾ اندر ڪري پڳهہ ڇوڙي، ڪوها ڪٽي، وڏاندرا ونجهہ هٽندا ٺئي ٻيڙا هاڪارڻ لڳا. رکي رکي ٻيڙن جا سڙهہ مٿي ڪڄندا ٿي ويا.

”هيسو........ زور لڳايو هيسو........

هيلي آلا هيسو، ايسو........

هو، موج ۾ مڪڙي ........ هيسو........

هو، سمونڊ آ ساٿاري ........ ايسو

هيسو زور لڳايو........ ايسو“

هاڻ سنڌباد جا ٻيڙا پوڻءَ ترو ڪنڊ جي اڳاتل منزل ڏانهن وڌي رهيا هئا. گوڪل ديو بندر تي بيٺو موڪلاڻيءَ لاءِ هٿ لوڏي رهيو هو. ايستائين جو ٽئي ٻيڙا ڏور ٿيندا، سندس نهار مان نڪري ويا.